
# دعوتِ اسلامي جي باري ۾ دلچسپ معلومات

سنڌي










پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفکربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: دعوتِ اِسلامي جي باري ۾ دِلچسپ معلومات

ڇاپو پهريون: محرم الحرام 1443 هـ سيپٽمبر 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# دعوتِ اسلامي جي باري ۾
# دِلچسپ معلومات

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست


شروعات ........................................ 1
دعوتِ اِسلامي جي باري ۾ دِلچسپ معلومات........................ 2
دعوتِ اِسلامي جي باري ۾ ........................... 2
دِلچسپ معلومات ...................................... 2
درود شريف جي فضيلت ................................ 2
دعوتِ اِسلامي بڻائڻ جي لاءِ عالم سڳورن جو پهريون اجلاس ........ 2
اميرِ دعوتِ اِسلامي جو تقرر ................................ 3
دعوتِ اِسلامي جي ڪم جي ابتداء ........................... 4
دعوتِ اِسلامي جو سڀ کان پهريون اجتماع ......................... 5
خطيبِ پاڪستان طرفان دعوتِ اِسلامي جي تائيد ........................ 6
دعوتِ اِسلامي جي ترقي ۽ اميرِ اهلِ سُنَّت جا جذبات .......................... 6
دعوتِ اِسلامي جڏهن کان ٺهي آهي ترقي ڪري رهي آهي! ........... 7
تنظيم جي گاڏي مسئلن جي ٽائرن تي هلندي آهي!.................. 8
ننڍپڻ کان سنتن تي عمل ڪرڻ جو شوق ........................... 9
دعوتِ اِسلامي جي سالانہ اجتماع جي ابتدا ڪيئن ٿي؟.................10
دعوتِ اِسلامي جي مَدَني قافلن جي اِبتدا ڪيئن ٿي؟.....................11
دعوتِ اِسلامي ۾ لفظ ”مدينہ“ ۽ ”فيضان“ ڪيئن رائج ٿيو؟....................13
پهريان اوهان ٽي وي تي نہ ايندا هئا هاڻي ڇو اچو ٿا؟ ...................14
عوام جي اڪثريت غير سياسي آهي! ............................15
ڇا دعوتِ اسلامي ڪڏهن سياست ۾ اچي سگهي ٿي؟ ......................15
ڇا يوم دعوتِ اِسلامي تي ڪيڪ ڪٽي سگهجي ٿو؟.......................16
يومِ ولادت ڪيئن ملهايو وڃي؟ ................................17
اميرِ اهلِ سُنَّت ٻارن جو يومِ ولادت ڪيئن ملهائن ٿا؟ ........................17

دعوتِ اِسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ ڇو بڻائي وئي؟ ........... 18
مَدَني مذاڪري جو سلسلو ڪڏهن شروع ٿيو؟ ........................ 19
مدرسة المدينہ ۽ جامعةُ المدينہ ڪيئن وُجود ۾ آيا ؟ ............. 20
دعوتِ اِسلامي ڪروڙين ماڻهن جي محسن آهي! ......................... 21
دعوتِ اِسلامي جو پاڪستان جي تاريخ ۾ بي مثال ڪارنامو ........ 24
نگرانِ شوريٰ يومِ دعوتِ اِسلامي ڪيئن ملهايو؟ ...................... 25
الله پاڪ جا محبوب ٻانها ........................................ 26
اصلاحِ اُمّت جو دَرد (حِڪايت) ........................................ 27
دعوتِ اِسلامي ۽ تَصَوُّف ........................................ 28
نجات جي لاءِ ٻہ شيون ضروري آهن ........................................ 29
ظاهر ۽ باطن ٻنهي جي اصلاح ضروري آهي ........................................ 30
فضلِ الٰهي کان سواءِ دل جي اِصلاح ممڪن ناهي! ........................................ 31
يومِ دعوتِ اِسلامي ملهائڻ جا فائدا ........................................ 32
اولياءِ ڪرام جو انداز ۽ دعوتِ اِسلامي ........................................ 32
سالانہ اِجتماع ۾ هر سال اِضافو ٿيندو رهيو ........................................ 34
دعوتِ اِسلامي جو مقصد ماڻهن ۾ تبديلي آڻڻ آهي! ........................................ 35
عالم سڳورن جا تاثرات (ويڊيو ڪلپ) ........................................ 36
اراڪينِ شوريٰ جا جذبات، تاثرات ۽ شعبن جو تعارُف ........................................ 37
مَدَني چينل ........................................ 38
ٻارن جو مَدَني چينل ........................................ 39
سوشل ميڊيا (Social Media) ........................................ 39
دعوتِ اِسلامي ويلفيئر ........................................ 40
دَارُ المدينہ ........................................ 42
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ ........................................ 43
آئي ٽي ڊپارٽمنٽ ........................................ 43

مجلسِ رابطہ براءِ تاجران ........................ 44
شعبۂِ تعليم ........................ 45
دعوتِ اِسلامي جي تقسيم ڪاري ........................ 46
هفتيوار اجتماعات ........................ 47
مجلس بيرون ملڪ ........................ 48
پاڪستان کان ٻاهر دعوتِ اسلامي جو مَدَني ڪم ........................ 48
مجلس مدرسةُ المدينہ ........................ 49
مجلس جامعةُ المدينہ ........................ 50
اَلمَدِينَة العِلمِية ........................ 51
مجلس تَحَفُظِ اَوراقِ مُقَدَّسَہ ........................ 51
مجلسِ مَدَني قافلہ ........................ 51
ڪجهہ شعبن جي اپڊيٽ ڪارڪردگي ........................ 52

# شروعات

هر دور ۾ اهڙا انسان گذريا آهن جن دين جي تبليغ، مسلم معاشري جي تشڪيل ۽ اُمَّت جي اصلاح جو ذمو ڪنيو، انهن جي ئي ڪوشش سان اسلام جي صحيح تعليمات اسان تائين پهتي، اِنْ شَآءَاللّٰه قيامت تائين اهڙا ماڻهو ايندا رهندا، جيڪي دينِ اسلام جي تبليغ ۽ اِشاعت ۾ اڳڀرا رهندا.

انهن ئي خوش نصيبن مان هڪ شخصيت شيخ طريقت اميراهلسُنَّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري جي بہ آهي: پاڻ مُعاشري جي اصلاح ۽ دين جي تبليغ جي جذبي سان سرشار پنهنجي مدني مقصد: ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.“ تحت تبليغ قرآن و سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اِسلامي جو بنياد وڌو.

هي رِسالو ”دعوتِ اسلامي جي باري ۾ دلچسپ معلومات“ انهيء عظيم الشان تحريڪ جي اوڻيتاليهين يومِ تاسيس تي مدني چينل تي ٽيلنڊڙ سلسلي جو تحريري گلدستو آهي جنهن ۾ اوهان پڙهندؤ: ”دعوتِ اسلامي بنائڻ جي لاءِ عالم سڳورن جو پهريون اجلاس“، ”امير دعوتِ اسلامي جو تقرر“ ، ”دعوتِ اسلامي جي ڪم جي ابتداء“ وغيره .

اِهو رسالو 2020ء ۾ مرتب ڪيو ويو هو، ڇپائي تائين بعض شعبن جي ڪارڪردگي ۾ ساراهه لائق اِضافو ٿيو، جيڪو هن رسالي جي آخر ۾ موجود آهي. اهو رسالو شعبہ ملفوظات امير اهل سُنَّت جي ذميدار مولانا عبدالله نعيم عطاري مدني ترتيب ڏنو آهي.

شعبه ملفوظات امير اهل سُنَّت
المدينة العلميه
Islamic Research Center
29/07/2021

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# دعوتِ اِسلامي جي باري ۾ دِلچسپ معلومات[1]

شيطان چاهي ڪيتري ئي سُستي چوڻ ڏياري پر هيءُ رسالو مڪمل پڙهي وٺو. اِنْ شَآءَاللّٰه معلومات جو اَنمول خزانو هٿ ايندو.

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي الله عَلَيه وَاٰلِهٖ وَ سَلَّم: بيشڪ جبرائيل عَلَيه السَّلَام مون کي خوشخبري ڏني تہ جيڪو اوهان تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي، اللّٰه پاڪ ان تي رَحمت موڪليندو آهي ۽ جيڪو اوهان تي سلام پڙهندو، اللّٰه پاڪ ان تي سلامتي موڪليندو آهي.

(مسند امام احمد،مسند سعيد بن زيد...الخ،۴۰۷/۱،حديث:۱۶۶۴ دار الفکر بيروت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اِسلامي بڻائڻ جي لاءِ عالم سڳورن جو پهريون اجلاس

**سُوال**:دعوتِ اِسلامي جا ڪجھ ابتدائي حالات ٻڌايو تہ دعوتِ اِسلامي ڪيئن ٺهي؟ ان وقت جا حالات ۽ معاملات ڪهڙا هئا؟ (نگرانِ شوريٰ جو سُوال)

**جواب:** مان نور مسجد (ڪاغذي بازار ڪراچي) ۾ امامت ڪندو هيس،

[1] اهو رِسالو 14 محرم الحرام 1442ھ بمطابق2 سيپٽمبر 2020 ء تي يومِ دعوتِ اِسلامي جي موقعي تي مدني چينل تي ٽيلنڊڙ سلسلي جو تحريري گلدستو آهي، جنهن کي اَلْمَدِيْنَة الْعِلْمِية جي شعبي ”ملفوظاتِ اميرِ اهلسنت“ ترتيب ڏنو آهي. (شعبہ ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت)

ثناخوان يوسف ميمڻ مرحوم جو نُنڍو ڀاءُ مون وٽ آيو، دعوت نامو ڏنائين ۽ ٻڌايائين تہ مولانا شاهہ احمد نوراني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اوهان جي لاءِ اهو دعوت نامو موڪليو آهي. هن دعوت نامي ۾ لکيل هو: ”منهنجي گهر ۾ دعوتِ اِسلامي جي سلسلي ۾ اِجلاس آهي جنهن ۾ علامہ ارشدُ القادري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ۽ ٻيا ماڻهو شريڪ ٿيندا.“ مان بہ پنهنجي ڪجھ دوستن سان گڏ اجلاس ۾ حاضر ٿيس، اتي غزالي زمان علامہ سيد احمد سعيد ڪاظمي شاهہ صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ۽ ڪوڙ اهلِ سنت جون وڏيون هستيون موجود هيون، علامہ ارشدُ القادري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه دعوتِ اِسلامي جي حوالي سان بيان ڪيو ۽ عالم سڀني پنهنجون تجويزون ۽ مشورا پيش ڪيا.(1)

مولانا شاهہ احمد نوراني ۽ علامہ ارشدُ القادري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِمَا جي تنظيمي سوچ ۽ سندن اسلام جي لاءِ جيڪو درد هو، اهو متاثر ڪندڙ هو، مسلک اهلِ سنت جو درد سندن ڳالهين مان ظاهر ٿي رهيو هو، سندن گفتگو ۾ (موجوده) سياست جو ڪو ذِڪر نہ هو يعني هُو جهڙي تحريڪ چاهين پيا اُن جو خلاصو هيءُ آهي: (موجوده) سياست کان پاسيرو ٿي ڪا اهڙي تحريڪ ٺاهي وڃي جنهن ۾ ماڻهو نيڪين ڏانهن مائل ٿين، نمازون پڙهن، سنتن جو دور رائج ٿئي ۽ عوام جي ايمان جي حفاظت جو سامان ٿي سگهي.

## اميرِ دعوتِ اِسلامي جو تقرر

جڏهن مان صدرُ الشريعہ بدرُ الطريقہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي عرس ۾ دارُالعلوم امجديہ ويس تہ اتي مولانا

---

[1] ...... اهو اجلاس 2 سيپٽمبر 1981 ۾ ٿيو هو- (شعبہ ملفوظات اميرِ اهلِ سُنَّت)

قاري رضاءُالمصطفيٰ صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه مليا ۽ چيائون تہ اسان جا ماما يعني مولانا اَرشدُالقادري صاحب اوهان کي ياد ڪري رهيا آهن ۽ فرمايو اٿس: "**مان الياس قادري کي دعوتِ اسلامي جو امير بڻائيندس**" پوءِ قاري رضاءُالمصطفيٰ صاحب فرمايو تہ اوهان فلاڻي ڪمري ۾ هليا وڃو، مان ڪمري ۾ هليو ويس. اُتي علامہ ارشدُالقادري صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه مون کي فرمايو: "**اسان توهان کي ڪراچي ۾ دعوتِ اِسلامي جو امير بڻايون ٿا**" هن کان علاوه وڌيڪ مشورا پڻ ٿيا، نيٺ مون دعوتِ اِسلامي (بنائڻ جي مشوري) کي قبول ڪري ورتو. پوءِ مون کان جيڪو ٿي سگهيو مون ڪوششون ڪري ڪم شروع ڪيو ۽ هاڻي دعوتِ اِسلامي اوهان اڳيان آهي.

## دعوتِ اِسلامي جي ڪم جي ابتداء

اُن وقت نہ ڪا ورڪنگ ڪميٽي هئي نہ ئي تحريڪ جو ڪو ٻيو ڍانچو هو، ايئن سمجهو مون کي دعوتِ اِسلامي ڏئي ڇڏيائون ۽ اهو فرمايائون تہ "دعوتِ اِسلامي سنڀاليو! هاڻي توهان ڄاڻو توهان جو ڪم ڄاڻي." البت علامہ ارشدُ القادري صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جن فرمايو هو تہ مان هن جو هڪ منشور لکي رهيو آهيان، (بعد ۾) اهو منشور مون کي مليو پر اکر تمام سنها هئڻ سبب مان ان کي مڪمل پڙهي نہ سگهيس. بهرحال اسان جيئن تيئن ڪري ڪم شروع ڪري ڇڏيو، چوڻي مشهور آهي: "**ڪم کي ڪم سيکاري ٿو**" تہ واقعي اسان ڪم ڪندي ڪندي ئي سکيو. مون سان گڏ منهنجي دوستن جو هڪ گروپ هو اسان گڏجي ڪم شروع ڪيو، اللّٰه پاڪ جي مدد، محبوب ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظرِ عنايت ۽ فيضان شامل حال رهيو جو اهو ڪم وڌندي وڌندي ايستائين پهچي ويو ۽ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه اڄ اسان (اوڻتاليهون) يومِ تاسيس

دعوتِ اسلامي ملهائي رهيا آهيون! شروع ۾ جيڪي اِسلامي ڀائر مون سان گڏ شامل هئا اهي اسان جي هن اجتماع ۾ موجود به آهن انهن مان ڪي ته اهڙا آهن جيڪي پنهنجي دور ۾ گهڻا فعال هئا، پر هاڻي اهي پوڙها ٿي چڪا آهن. دعوتِ اِسلامي ۾ اهڙا نوجوان به آهن جن اڪيون ئي دعوتِ اِسلامي جي مَدَني ماحول ۾ کوليون آهن. الله پاڪ سڀني جون خدمتون قبول فرمائي.

دعوتِ اِسلامي ۾ قبلہ الحاج سيد عبدالقادر شاهه ضيائي صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عرف ”باپو شريف“ جو اهم ڪردار آهي، دعوتِ اسلامي جي ترقي ۾ انهن جو به حصو شامل آهي، جيستائين ربّ چاهيو انهن دعوتِ اسلامي جو خوب ڪم ڪيو. الله پاڪ انهن کي غريقِ رحمت فرمائي ۽ انهن جون دعوتِ اسلامي لاءِ ڪيل خدمتون قبول فرمائي، انهن جي ۽ انهن جي خاندان جي بي حساب مغفرت فرمائي، انهن جي صدقي مون کي ۽ منهنجي خاندان کي بنا حساب جي بخشي ڇڏي.

## دعوتِ اِسلامي جو سڀ کان پهريون اجتماع

**سُوال:** دعوتِ اِسلامي جو سڀ کان پهريون اجتماع ڪٿي ۽ ڪيئن ٿيو؟[1]

**جواب:** دعوتِ اسلامي جو سڀ کان پهريون اجتماع خطيبِ پاڪستان مولانا محمد شفيع اوڪاڙوي صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي شفقتن جي ساين ۾ جامع مسجد گلزارِ حبيب (ڪراچي) ۾ ٿيو. مولانا محمد شفيع اوڪاڙوي صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اسان جا محسن آهن، سندن جا اسان تي تمام گهڻا

[1]...... اهو سُوال شعبہ ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت جي طرفان ڪيو ويو آهي جڏهن ته جواب اميرِ اَهلِ سنّت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو عطا ڪيل آهي. (شعبہ ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت)

احسان آهن، انهن فرمايو تہ ”**منهنجي مسجد کي مرڪز بڻايو**“ هُو اسان جي ڪنهن بہ معاملي ۾ دخل اندازي نہ ڪندا هئا، اسان جيئن چاهيندا هياسين ڪم ڪندا هئاسين، انهن طرفان اسان کي مڪمل اختيار مليل هئا.

## خطيبِ پاڪستان طرفان دعوتِ اِسلامي جي تائيد

خطيبِ پاڪستان مولانا محمد شفيع اوڪاڙوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي شهزادي مولانا ڪوڪب نوراني اوڪاڙوي صاحب کي حڪم فرمايو تہ انهن کي هڪ تصديقي تحرير ڏيو، انهن تحرير ڏني جنهن تي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه دستخط ڪيو، ان تحرير ۾ منهنجي ۽ دعوتِ اِسلامي جي حمايت ڪئي وئي هئي ۽ اِهو بہ لکيل هو: ”**دعوتِ اِسلامي اهلِسُنَّت جي ئي آهي سيئي هن جو ساٿ ڏيو.**“ هن طرح دعوتِ اِسلامي جو اجتماع جامع مسجد گلزارِ حبيب (ڪراچي) ۾ شروع ٿيو ۽ اهو ئي دعوتِ اِسلامي جو سڀ کان پهريون مرڪز قرار ڏنو ويو. پوءِ دعوت اسلامي وڌندي ئي وئي ۽ اجتماع جي تعداد ۾ ڪافي اضافو ٿي ويو، لهٰذا جامع مسجد گلزارِ حبيب اجتماع جي لاءِ ننڍي ٿي وئي پوءِ (پراڻي سبزي منڊي يونيورسٽي روڊ ڪراچي ۾) جڳهہ خريدڻ جو سلسلو ٿيو ۽ دعوتِ اِسلامي جو عالَمي مَدَني مرڪز فيضانِ مدينہ تعمير ڪيو ويو.[1] هن وقت تائين سڄي دنيا ۾ 786 کان وڌيڪ فيضانِ مدينہ قائم ٿي چڪا آهن.

## دعوتِ اِسلامي جي ترقي ۽ اميرِ اهلِ سُنَّت جا جذبات

ان سڀ ۾ منهنجو ڪو ڪارنامو نہ آهي اهو سڀ منهنجي ربّ جو ڪرم، ان جي حبيب جي نگاهہ، منهنجي غوثِ پاڪ جو صدقو ۽

1 …… عالمي مَدَني مرڪز فيضانِ مدينہ پُراڻي سبزي مَنڊي يونيورسٽي روڊ ڪراچي 1991ء ۾ تعمير ڪيو ويو. (شعبہ ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سُنَّت)

منهنجي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَیۡه جو فيضان آهي. جيڪو ائين چئي ته اهو منهنجي ڪاوشن جو نتيجو آهي ته ان کي خير ملهائڻ گهرجي، ڇوته ٻڪري ”مين مين“ ڪندي آهي ته ڇري جي هيٺان اچي ويندي آهي! لهٰذا ”مان“ بلڪل به نه ڪرڻي گهرجي بلڪ هميشه الله پاڪ جي رَحمت تي نظر رکڻ گهرجي، ڇوته اهو سڀ ان جي عنايت ۽ ان جي ڪرم سبب ٿيو آهي، هيءُ انهيءَ جي عطا آهي جو اسان کي هڪ طريقيڪار ملي ويو، نه ته ماڻهو فلم اِنڊسٽري ۾ ترقي ڪن ٿا، ڪو راندين جي ميدان ۾ ترقي ڪري ٿو، پر الله پاڪ جو ڪرم آهي اُن اسان کي پنهنجي دين جي خدمت جي لاءِ موقعو فراهم ڪيو آهي، بس اهو سڀ قبول ٿي وڃي.

## دعوتِ اِسلامي جڏهن کان ٺهي آهي ترقي ڪري رهي آهي!

**سُوال:** اوهان دعوتِ اِسلامي جو آغاز ۾ سيپٽمبر 1981 سِن عيسوي ۾ ڪراچي شهر ۾ ڪيو، جيئن ته ڪراچي تمام وڏو شهر آهي جتي هزارين تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن، ڇا اوهان کي ان وقت اميد هئي ته دعوتِ اِسلامي کي الله پاڪ ايترو عُرُوج عطا فرمائيندو جو اها تحريڪ دنيا ڀر ۾ ڦهلجي ويندي؟ ۽ هي به اِرشاد فرمايو ته هن عظيم تحريڪ جو نالو ”دعوتِ اِسلامي“ ڪڏهن ۽ ڪنهن رکيو؟

**جواب:** جڏهن علامه ارشدُ القادري صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَیۡه دعوتِ اِسلامي سنڀالڻ جو فرمايو ته مون اهي ئي ڳالهيون سوچي انڪار ڪيو ته ايترا مسئلا هوندي مان ڪيئن ڪم ڪندس؟ ته منهنجي هڪ دوست چيو: ”الياس اسان کي ڪم ته هوندئِ به ڪرڻو آهي، موقعو سنو اَٿوَ پيشڪش قبول ڪري وٺو، جيڪڏهن ڪم نه ڪري سگهياسين ۽

ڪامياب نہ ٿياسين تہ ڪير آهي جو اچي پڇندو تہ ڪم ڇو نہ ڪيو؟ “ اسان اها ذميداري قبول ڪري ورتي ۽ اللّٰه جو نالو وٺي ڪم شروع ڪيو. اَلْحَمْدُلِلّٰہ اسان کي حيرت انگيز ڪاميابي ملي، مان سوچي بہ نٿو سگهان تہ مون جهڙي ماڻهو کي ايتري عزت ملندي ۽ سڄي دنيا ۾ مشهور ٿي ويندس ”مَنْ آنَم که مَنْ دَانَم يعني مون کي خبر آهي تہ مان ڇا آهيان.“ اللّٰه پاڪ جو ڪرم آهي جو اسان قدم کنيو ۽ راهون کلنديون ويون. مان اهو چئي سگهان ٿو تہ اسان دعوتِ اسلامي جي لاءِ جيڪو بہ قدم کنيو دعوتِ اِسلامي اڳتي ئي وڌي آهي، هڪ سيڪنڊ جي لاءِ بہ پوئتي ناهي هٽي، هڪ ڪان هڪ موتي ملندو ويو، اسان کي تہ خبر بہ نہ هئي تہ سُنين وٽ بہ هڪ کان وڌيڪ هڪ شخص موجود آهي ۽ کهڙي کهڙي ڪم جا ماڻهو آهن پر جڏهن ڪم شروع ڪيو تہ ڪرم ٿيندو ويو.

## تنظيم جي گاڏي مسئلن جي ٽائرن تي هلندي آهي!

ڪو بہ اهو نہ سوچي تہ ”منهنجي علائقي يا ڳوٺ ۾ ڪيئن ڪم ٿيندو، هتي مخالفت ڪرڻ وارا ماڻهو آهن“ اِخلاص سان ڪم ڪيو اِنْ شَآءَاللّٰه منزل اڳتي وڌي (اوهان کي) سيني سان لائيندي. جيڪڏهن وسوسن جو شڪار ٿي ويهي رهنداسين تہ وينل ئي رهجي ويندا سين. مون کي بہ اهڙا ماڻهو مليا هئا جن منهنجي حوصلہ شڪني ڪئي ايسٽائين جو هڪ ميمڻ مون کي چيو: اي الياس! تون نڪري تہ پيو آهين پر اهو ڪم تنهنجي وس جو نہ آهي، پوءِ هڪ وقت آيو جو اهو ئي ماڻهو منهنجا هٿ چمندو هو! جيڪڏهن مان ان جي ڳالهہ تي دل هاري ويهي رهان ها تہ شايد ڳڙٻڙ ٿي وڃي ها. هن قسم جا ڪوڙ ماڻهون طعنا

مهڻا ڏيندا رهيا، مخالفت پڻ ڪئي وئي پر الله پاڪ حوصلو ۽ همت عطا فرمائي ۽ اهو دور به گذري ويو، ڪي ماڻهو اڄ به مخالفت ڪن ٿا، انهن جي ڳالهين جي تي منهن چاڙهي ويهي رهون ته ڪم ڪيئن ٿيندو؟ ياد رکو! تنظيم جي گاڏي مسئلن جي ٽائرن تي هلندي آهي، جيترو ڪم وڌندو اوترا مسئلا پڻ وڌندا پر انهن کان گهبرائڻو ناهي، جنهن شهر يا علائقي ۾ گهٽا مسئلا ٿيندا آهن ته اندازو ٿي ويندو آهي اتي دعوتِ اِسلامي جو ڪم گهٽو ٿي رهيو آهي تڏهن ته مسئلا ٿي رهيا آهن! ظاهر آهي گاڏي روڊ تي ايندي ته ڊينٽ لڳندو ائين نه آهي جو گاڏي گيراج ۾ بيٺل رهي ۽ ان تي ڊينٽ لڳي وڃي.

## ننڍپڻ کان سنتن تي عمل ڪرڻ جو شوق

**سُوال:** اوهان فرمايو ته ڪم ڪندي دل نه ٽوڙڻ گهرجي اها ڳالهه ٽوڙي جو سيني کي خبر هوندي آهي، پر جڏهن اهڙو ڪجهه ٿيندو آهي ته برداشت ڪرڻ ڏکيو هوندو، ماڻهن جي مخالفتن کي منهن ڏيڻ جي همت ناهي هوندي ۽ به چار ٽاپا اچن ته ٿڪجي ويهي رهندا آهيون، هن باري ۾ ڪجهه اِرشاد فرمايو. (نگرانِ شوريٰ جو سُوال)

**جواب:** مون کي دعوتِ اِسلامي نهڻ کان پهريان به عمل جي گهڻي رغبت هئي، مان پنهنجا پاجامي پائنچا پيڏين کان مٿي رکندو هئس، ان دور ۾ شايد ئي ڪو ائين ڪندو هجي، ماڻهن جي لاءِ اها تعجب جي ڳالهه هئي، اڄ دعوتِ اِسلامي جا بعض مبلغ به پيڏين کان هيٺ پائنچا رکندا آهن، اهي ويچارا معاشري جي اڳيان هار مڃي چڪا هوندا آهن، اهي ڪم ته ڪن ٿا پر معاشري کان ڊڄن به ٿا، ائين نه هئڻ گهرجي. منهنجي ننڍپڻ يا جواني جي ڳالهه آهي: "مون کي ڪنهن چيو، الياس!

معاشري جي پويان پويان هلڻ گهرجي توهان چو معاشري  کان جدا هلو ٿا، اهو سڀ چو ٿا ڪيو؟ تہ مون ان کي چيو: مرد اهو ناهي جيڪو معاشري جي پويان هلي، بلڪ مرد اهو آهي معاشرو جنهن جي پويان هلي! ڀلا اها بہ ڪا ڳالهہ ٿي جو معاشري ۾ جيڪو بہ ابتو سبتو حلال حرام ٿي رهيو آهي، اسان ان جي پويان هلڻ شروع ڪري ڇڏيون؟ مون کان هن معاشري جي پويان نٿو پُڄي.“ منهنجي ڳالهہ جي عزت رهجي وئي  ۽ مان معاشري جي پويان هلڻ کان محفوظ رهيس ۽ هاڻي معاشرو منهنجي پويان يعني هڪ تعداد آهي جيڪو منهنجي  پٺيان هلي ٿو، بهرحال همت نہ هارڻ گهرجي.

تھکا ماندہ ہے وہ جو پاؤں اپنے توڑ کر بیٹھا
وہی پہنچا ہوا ٹھہرا جو پہنچا کوئے جاناں میں

## دعوتِ اِسلامي جي سالانہ اجتماع جي ابتدا ڪيئن ٿي؟

**سُوال:** دعوتِ اِسلامي جو سالانو اجتماع ٿيندو هو، ان جو سڀ کان پهريان خيال ڪنهن کي آيو؟

**جواب:** جڏهن ڪم شروع ٿيو تہ نوان نوان اسلامي ڀائر اسان سان شامل ٿيا ۽ پُراڻا اسلامي ڀائر وڌيڪ سرگرم ٿي ويا تہ اسان جي سوچ بڻي تہ سالانو اجتماع بہ ٿيڻ گهرجي! ايئن دعوتِ اِسلامي جي سالاني اجتماع جو آغاز ٿيو ۽ سڀ کان پهريون سالانو اجتماع ڪڪڙي گراؤنڊ (اولڊ ڪراچي جي هڪ علائقي ۾ موجود ميدان) ۾ ٿيو. [1] جيستائين الله پاڪ چاهيو اهو سلسلو جاري رهيو، البتہ جڳهيون تبديل ٿينديون

[1] ......اهو اجتماع 25 ۽ 26 نومبر 1982 ء تي ٿيو هو- (شعبہ ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سُنَّت)

رهيون مثال طور پهريان ڪڪڙي گراؤنڊ ۾ ٿيو پوءِ ڪراچي جي علائقي ڪورنگي ۾ منتقل ٿيو ۽ پوءِ پاڪستان جي شهر ملتان شريف ۾ منتقل ڪيو ويو هيئن اهو شهر اسان جي سالاني اجتماع جو مرڪز قرار ڏنو ويو.

سالانو اجتماع ڪراچي کان پنجاب جي شهر ملتان منتقل ڪرڻ جو سبب اهو هو جو هن اجتماع ۾ سڄي دنيا مان عاشقانِ رسول ايندا هئا، ۽ پاڪستان جي ڏورانهين علائقن مان وڏو تعداد شرڪت جي لاءِ حاضر ٿيندو هو ۽ ملتان شريف پاڪستان جي تقريباً وچ ۾ آهي ايئن اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ ايندڙن کي ملتان تائين اچڻ ۾ سهولت هئي.

## دعوتِ اِسلامي جي مَدَني قافلن جي اِبتدا ڪيئن ٿي؟

**سُوال:** دعوتِ اِسلامي جي ترقي ۾ مَدَني قافلن جو اهم ڪردار آهي، اهو سلسلو ڪڏهن شروع ٿيو؟

**جواب:** اَڄڪلهه جيڪو مَدَني قافلي ۾ سفر ڪيو وڃي ٿو ان جو سلسلو ته ڪجهه سال پهريان شروع ٿيو آهي، هن کان پهريان هڪ سلسلو هو، جنهن کي اسان ”وفد“ چوندا هئاسين. هڪ پيري مون کي ڪنهن چيو: ”اسان توهان کي حيدر آباد جو دورو ڪرائينداسين“ چوته اخبارن ۾ ايندو هو ته فلاڻي شخص فلاڻي ملڪ جو دورو ڪيو، ته مان سوچڻ لڳس ته دورو ۽ مان! (يعني منهنجي ذهن ۾ هو ته دورو ڪرڻ تمام وڏي ڳالهه آهي) پوءِ اهو وقت به آيو جو اسان حيدرآباد جو دورو به ڪيو. بهرحال اسان وفد جي صورت ۾ پاڪستان جي مختلف شهرن جا دورا ڪيا ۽ اهو سلسلو ڪراچي کان هلندي هلندي سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ خيبرپختون خواهه تائين وڃي پهتو، ايئن هن وفد پاڪستان جي

سمورن صوبن جو دورو ڪيو. اسان جي وفد سپ ڪان پهريان ڪوسڪي ضلعو بدين (سنڌ) جو دورو ڪيو، اتي اسان جو تمام وڏو وفد پهتل هو. اهو سلسلو جاري رهيو پوءِ اسان باقاعده چار چار ڏينهن جي قافلن جو سلسلو شروع ڪيو پر اهو سلسلو ڪجھ عرصو ئي هلي سگھيو ۽ ڪامياب نہ ٿي سگھيو، اسان ان قافلي کي ٽن ڏينهن جو ڪري ڇڏيو هن ۾ آساني ٿي ۽ اها حڪمتِ عملي ڪامياب رهي، ماڻهن جي تعداد سان گڏوگڏ مَدَني ڪم ۾ بہ اضافو ٿي ويو.

جيئن تہ مَدَني قافلي ۾ قرباني ڏيڻي پوندي آهي جو بعض ماڻهو وقت هئڻ جي باوُجود صرف سستي جي ڪري سفر ناهن ڪندا، ڇوتہ گھر ۾ جيڪو سڪون آهي اهو سفر ۾ ڪٿي هوندو! پوءِ رات ڏينهن مسجد ۾ گذارڻا پوندا، بجلي جا مسئلا الڳ هوندا، گھر ۾ AC جي بغير ننڊ ناهي ايندي مسجد ۾ تہ پکو بہ ستائي رهيو هوندو آهي، جيڪڏهن ڪنهن ڳوٺ يا وسندي ۾ قافلو هليو ويو تہ آزمائش ويتر وڌي ويندي، ڇوتہ اتي تہ پکا بہ صحيح نہ هوندا آهن گرمي پڻ ٿيندي آهي ۽ مڇر بہ اچي تنگ ڪندا آهن! جيڪو ماڻهو پاڻ کي دعوتِ اِسلامي وارو چَوَن ٿا انهن جو بہ وڏو تعداد آهي جيڪو مَدَني قافلي ۾ سفر نٿو ڪري. عام طور تي مَدَني قافلي ۾ غريب ماڻهو ئي سفر ڪري رهيا هوندا آهن، جڏهن تہ آسائشن جي عادي ماڻهن کي بہ سفر ڪرڻ گھرجي، ڇوتہ انهن جي لاءِ گھڻي آزمائش ٿيندي تہ ثواب بہ گھڻو ملندو. ياد رکو! مَدَني قافلا وڏي اهميت رکن ٿا، انهن جي ڪري دعوتِ اسلامي جو سڄي دنيا ۾ پيغام پهتو آهي. ايئن نہ آهي تہ مَدَني چينل جي ڪري دعوتِ اِسلامي ترقي ڪئي آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه دعوتِ اِسلامي مَدَني چينل ڪان گھڻو پهريان دنيا ۾ مقبوليت حاصل ڪري چڪي هئي ۽ دنيا جي

ڪيئي ملڪن ۾ دعوتِ اسلامي جو ڪم ٿي رهيو هو، پوءِ اسان کي مَدَني چينل به نصيب ٿي ويو، جڻ دعوتِ اسلامي مَدَني چينل ذريعي ناهي ملي بلڪ دعوتِ اسلامي جي ذريعي مَدَني چينل مليو آهي.

## دعوتِ اِسلامي ۾ لفظ ”مدينہ“ ۽ ”فيضان“ ڪيئن رائج ٿيو؟

**سُوال:** دعوتِ اِسلامي جي مَدَني ماحول ۾ ٻہ لفظ تمام گهڻا رائج آهن هڪ لفظ ”مدينہ“ ۽ ٻيو لفظ ”فيضان“ اِهو اِرشاد فرمايو تہ اهي ٻئي لفظ دعوتِ اِسلامي جي مَدَني ماحول ۾ ڪيئن رائج ٿيا، وڏيڪ اهو تہ انهن جي ايتري گهڻي اهميت جو ڪهڙو سبب آهي؟

**جواب:** مدينو تہ سُنين جي گُهٽي(سُٽي) ۾ آهي! مديني جو ذڪر اسان جي رُوح جي غِذا آهي، جنهن مدينو نہ ڏٺو تہ ان ڪجهہ بہ نہ ڏٺو. مديني جو تذڪرو دعوتِ اِسلامي کان پهريان بہ ٿيندو هو ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه قيامت تائين ٿيندو رهندو، البتہ لفظ ”فيضان“ دعوتِ اِسلامي ۾ مُتعارف ٿيو آهي. ”فيضان“ فيض مان نڪتو آهي ۽ ”فيض“ عام لفظ آهي. اسان دعوتِ اِسلامي جي ڪراچي ۾ ٺهڻ واري سڀ کان پهرين عالَمي مَدَني مرڪز جو نالو ”فيضانِ مدينہ“ رکيو، پوءِ مسجد ۾ درس جي لاءِ ڪتاب مُرَتَّب ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿي تہ ان جو نالو ”فيضانِ سُنَّت“ رکيو.

اعليٰ حضرت اِمام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو نعرو لڳندو هو **”فيضِ رضا“** اهو درست نعرو هو پر جڏهن سنين جي تحريڪ دعوتِ اِسلامي ٺهي تہ ان جي مَدَني ماحول ۾ اهو نعرو هيئن لڳڻ شروع ٿيو **”فيضانِ رضا“** بلڪ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم، اهلِ بيتِ اَطهار رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم ۽ اولياءِ ڪرام جي لاءِ بہ اهو نعرو عام ٿي ويو ۽ هيئن چيو وڃڻ لڳو: ”فيضانِ صحابہ و اهل بيت“ ، ”فيضانِ اوليا“ ايئن لفظ ”فيضان“ مشهور ٿي ويو،

هاڻي اهو لفظ دعوتِ اسلامي جي نسبت سان ايترو مشهور ٿي چڪو آهي جو دعوتِ اسلامي جي مجلسِ خُدَّامُ المَساجد تحت جيڪي مسجدون ٺهنديون آهن عام طور تي انهن جي سڃاڻپ اهو ئي لفظ هوندو آهي يعني مسجد جي نالي جي شروع ۾ لفظ ”فيضان“ لڳل هوندو آهي. ڪنهن مسجد جو نالو ”فيضانِ امام حسين“ هجي ته ڏسندڙ سمجهي ويندو ته اها مسجد دعوتِ اِسلامي وارن جي آهي يا هن جي تعمير ۾ ڪٿي نه ڪٿي دعوتِ اِسلامي ضرور شريڪ آهي ۽ جڏهن ايئن آهي ته اها ڳالهه به چڱي نموني معلوم ٿي ويندي ته اها مسجد صحابہ ڪرام ۽ اهلِ بيت عظام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جي محبت وارن جي آهي.

## پهريان اوهان ٽي وي تي نه ايندا هئا هاڻي ڇو اچو ٿا؟

**سُوال:** دعوتِ اِسلامي پهريان ڪيئي ڪم ڪانه ڪندي هئي پر اهي ڪم آهستي آهستي شروع ڪيا پيا وڃن جيئن مووي بنائڻ، ٽي وي تي اچڻ ۽ دعوتِ اِسلامي ويلفيئر جو ڪم وغيره ته اوهان کي نٿو لڳي ته ضرورت پوڻ تي دعوتِ اِسلامي سياست ۾ به اچي ويندي يا گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن سياسي جماعت جي حمايت جو اِعلان ئي ڪيو ويندو؟

**جواب:** ٽي وي ۽ مووي جو واقعي منهنجو ذهن نه هو پوءِ مون عالم سڳورن جون فتوائون وغيره ڏٺيون ته خبر پئي ڪي عالم سڳورا اڃا به مووي کي جائز نٿا سمجهن، انهن عالم سڳورن جو دليل جي بنياد تي پنهنجو مؤقف آهي، البت عالم سڳورن جي اڪثريت دليلن جي بنياد تي مووي ڏسڻ ۽ بنائڻ کي جائز قرار ڏنو آهي، اسان انهن عالمن جي ڳالهه تي عمل ڪري رهيا آهيون. ها ڊيجيٽل فوٽو ۽ ڪيمري جي فوٽو ۾ فرق آهي. بهرحال اسان مَدَني چينل جي ذريعي جيڪو ڪم ڪري

رهيا آهيون اهو سيني جي سامهون آهي هن جي برڪت سان ڪيئي ماڻهو دين جي قريب ٿيا، غير مسلم مسلمان ٿيا، بي نمازي نماز بڻجي ويا ايئن دين جو گهڻو فائدو ٿيو.

## عوام جي اڪثريت غير سياسي آهي!

رهي (موجوده) سياست ته اها مان پنهنجي 70 سال کان وڌيڪ زندگي ۾ ڏسي رهيو آهيان، شروع جي سياست به اهڙي ئي هئي جهڙي اَڄ آهي پر هاڻوڪي سياست ۾ خرابيون گهڻيون آهن، پهريان لٺيون لڳنديون هيون پوءِ پٿر هنيا ويندا هئا پوءِ گوليون هڻڻ شروع ٿيا ۽ هاڻي بم ڌماڪا ڪيا ويندا آهن! موجوده سياست تمام خطرناڪ ٿي چڪي آهي. اهو ئي سبب آهي جو ملڪ جي اڪثريت غير سياسي آهي ان جو اندازو ووٽن مان لڳائي سگهجي ٿو ته ڪيترا ماڻهو آهن جيڪي پنهنجو ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ جي لاءِ اچن ٿا؟ اَوَّل ته هڪ تعداد جا ووٽ ئي ناهن ملندا ته اهي آهن به يا نه؟ پوءِ جن جا ووٽ هوندا به آهن ته انهن مان ڪيترا ماڻهو پنهنجو ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ جي لاءِ اچن ٿا؟ حقيقت اها آهي ته ماڻهو پنهنجو ووٽ ئي ڪاسٽ نٿا ڪن، هن مان معلوم ٿئي ٿو ته ملڪ جي اڪثريت غير سياسي آهي.

## ڇا دعوتِ اسلامي ڪڏهن سياست ۾ اچي سگهي ٿي؟

جيڪڏهن سياست ۾ پاڪيزگي جي ڪا لهر اچي وئي ۽ خلفاءِ راشدين جي دور جي سياست شروع ٿي ته اِنْ شَآءَاللّٰه سڀ کان پهريون سياستدان ”الياس قادري“ هوندو. ياد رکو! سياست فِيْ نَفْسِهٖ بُري شيءِ ناهي، پر موجوده سياست ۾ تمام گهڻا گناهه شامل ٿي چڪا آهن ۽ بغير گناهه جي سياست ڪرڻ مشڪل ٿي ويو آهي، تنهنڪري دعوتِ اِسلامي

(موجوده) سياست ۾ شامل نتي ٿي سگهي. مون ڪيئي سال اڳ ۾ مرڪزي مجلس شوريٰ کي لکي ڏنو آهي تہ ”توهان کي دعوتِ اسلامي کي ٽوڙڻو يا ختم ڪرڻو هجي تہ ان جي لاءِ اعلان نہ ڪجو تہ اسان دعوتِ اسلامي ختم ڪيون ٿا بلڪ هيءُ اعلان ڪجو تہ اسان (موجوده) سياست ۾ شامل ٿيون ٿا! دعوتِ اسلامي ازخود ئي ختم ٿي ويندي.“ منهنجي حياتي ۾ چڱي سياست جي ڪا فضا ٺهجي وڃي، هن جي اُميد گهٽ آهي، هاڻي لڳي ائين ٿو تہ سٺي سياست حضرتِ سَيِدُنا اِمام مهدي رضی اللہ عنہ جي دور ۾ ئي ايندي جو هُو خليفہ راشد آهن.[1] بهرحال دعوتِ اِسلامي جي اها ئي پاليسي آهي تہ اها ڪڏهن بہ (موجوده) سياست ۾ نہ ايندي.

## ڇا يومِ دعوتِ اِسلامي تي ڪيڪ ڪٽي سگهجي ٿو؟

**سُوال:** ڇا اسان يومِ دعوتِ اِسلامي جي خوشي ۾ ڪيڪ ڪٽي سگهون ٿا؟

**جواب:** مان ڪيڪ ڪٽڻ کان منع ڪيان ٿو تہ ڪيڪ کي رائج نہ ڪيو وڃي. بعض ماڻهو جشنِ ولادتِ مُصطَفٰي جي موقعي تي ڪيڪ ڪٽيندا آهن ۽ ڪيڪ تي لکيل هوندو آهي ”عيد ميلادُ النبي“ ڪڏهن نعل شريف ٺهيل هوندي آهي يا هن طرح جا مقدس لفظ لکيل هوندا آهن ۽ اهي ماڻهو ڇُري هٿ ۾ پڪڙي ان کي ڪٽيندا آهن! هن کي ڪهڙو عقل مند ادب چوندو؟ هن کان علاوه جيڪڏهن ڪنهن جي ولادت جو ڏينهن ٿيندو هوندو تہ اهو بہ ڪيڪ ڪٽڻ جو اهتمام ڪندو هوندو،

---

[1] ......مستدرڪ للحاڪم، ڪتاب الفتن والملاحم،باب لاتسبوا اهل الشام...الخ،۵/ ۶۶۷-۶۶۷، حديث:۸۷۰۲ ماخوذاً دار المعرفة بيروت.بهارِ شريعت، ۱/۲۵۷، حصہ:۱ مڪتبة المدينہ ڪراچي.

خوب تاليون وڄنديون هونديون، ميوزڪ هلندو هوندو، عورتن، مردن جو گڏيل نظام ٿيندو هوندو ان سان گڏوگڏ ڦوڪڻا بہ ڦاريا ويندا هوندا، ظاهر آهي ڦوڪڻا مفت ۾ تہ ناهن ايندا پيسن سان ڦوڪڻا وٺي انهن کي ڦاڙيو ويندو آهي ۽ ايئن پيسا ضايع ٿي ويندا آهن. ان ڪري مان مشورو ڏيان ٿو تہ ڪيڪ ڪٽڻ جي ضرورت ئي نہ آهي تہ جيئن ڪيڪ جا ذرڙا ضايع ٿيڻ کان بچن ۽ اهڙيون حرڪتون نہ ٿي سگهن.

## يومِ ولادت ڪيئن ملهايو وڃي؟

سالگره يلي ملهايو پر ملهائڻ جو طريقو دُرُست اِختيار ڪريو مثال طور قرآن پاڪ جي تلاوت ٿئي، نعت شريف پڙهي وڃي، دعاءِ خير ڪئي وڃي، جيڪڏهن ماني ڪارائڻي آهي تہ لنگر ڪارايو وڃي، غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه يا خواجہ غريب نواز رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جو نياز ڪارايو وڃي. جيڪڏهن نياز جي نيت نہ بہ ڪيو تڏهن بہ ڪو حرج نہ آهي جو مسلمانن کي ماني ڪارائڻ بہ ثواب جو ڪم آهي جيڪڏهن سٺي نيت هوندي تہ ثواب ملندو. هن جي برخلاف ڦوڪڻا ڦاڙڻ يا ڪيڪ ڪٽڻ نہ تہ ٻار جي عمر وڌي هئڻ جي ڪا نشاني آهي ۽ نہ ئي هن سان ٻار نيڪ ٿيندو. ياد رهي! مون ڪيڪ ڪٽڻ يا کائڻ کي ناجائز ناهي چيو، ڪيڪ ڪٽڻ ۽ کائڻ حلال آهي .

## اميرِ اهلِ سُنّت ٻارن جو يومِ ولادت ڪيئن ملهائن ٿا؟

اسان ٻارن جي پيدائش جي ڏهاڙي تي تلاوتِ قرآنِ پاڪ ۽ نعت خواني جو اهتمام ڪندا آهيون، سمورا دعوتِ اِسلامي وارا بہ ايئن ڪندا هجن ضروري ناهي، جيڪي مون سان محبت ڪن ٿا اهي يوم ولادت ايئن ئي ملهائيندا هوندا جيئن مان ملهايان ٿو. پر دعوتِ اسلامي وارا ڪيئي

اسلامي ڀائر اهڙا بہ هوندا آهن جن جي گهر ۾ ناهي هلندي انهن کي مشڪل کي ڏيٺو پوي ٿو، ٻاهر تہ ماٺهو ڪيئن بہ رهي پر گهر ۾ ڪنهن ٻي جي هلي رهي هوندي آهي جڏهن ايئن ٿيندو تہ ظاهر آهي ڪيڪ بہ ڪٽيا ويندا ڦوڪٽا بہ ڦاريا ويندا. جيڪڏهن گهر جي اسلامي ڀيڻ جو ذهن بڻجي وڃي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه انهن سيني کي روڪي سگهجي ٿو.

## دعوتِ اِسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ ڇو بڻائي وئي؟

**سُوال:** اوهان کي ”مرڪزي مجلسِ شوريٰ “ جوڙڻ جو خيال ڪڏهن ۽ ڪيئن آيو؟

**جواب:** پهريان ڪافي عرصي تائين دعوتِ اسلامي جو ڪم بغير مرڪزي شوريٰ جي ئي هلندو رهيو، اسلامي ڀائر گڏجي ڪم ڪندا هئا، جڏهن اِسلامي ڀائرن جون عمرون وڌيون ٿيڻ لڳيون ۽ ڪم خوب ڦهلجڻ شروع ٿي ويو تہ خيال آيو اسان کان بعد دعوتِ اِسلامي جو ڇا ٿيندو؟ جنهن تحريڪ ۾ One men show (هڪ شخص) جي پاليسي هوندي آهي ان جي ٻڏڻ جو پڪو انديشو هوندو آهي، تنهنڪري شوريٰ جو قيام ضروري ٿي ويو ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه مرڪزي مجلسِ شُوريٰ بڻجي وئي.[(1)]

دعوتِ اِسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جا 26 رڪن آهن جن وٽ ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪن جون مختلف ذميداريون آهن. ۽ اراڪينِ شوريٰ ۾ اِضافي جي گنجائش بہ موجود آهي جوتہ اهي حضرات بہ پوڙها ٿي

[1]......دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جو قيام 20 سيپٽمبر 2000ء ۾ ٿيو هو، جنهن ۾ اراڪين جو تعداد 10 هو ۽ ان جا نگران قاري محمد مشتاق عطاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه هئا. (شعبه ملفوظات اميرِ اهلِ سُنَّت)

رهيا آهن ۽ پوڙهائپ ۾ بيماريون بہ لڳي وينديون آهن، پوءِ زندگي ۽ موت بابت ڪنهن کي خبر ناهي توڙي جو جوان جي باري ۾ بہ نٿو چئي سگهجي تہ هُو ڪيستائين زنده رهندو؟ پر پوڙهي جي موت جو وڏيڪ خطرو رهندو آهي، ۽ پوڙهائپ ۾ اهڙا مرض لڳي ويندا آهن جو دماغ پهريان جهڙو ڪم ناهي ڪندو، عضوا بہ هيٺا ٿي ويندا آهن ۽ وڌيڪ پيچ ڊوڙ ناهي ٿي سگهندي. بهرحال شوريٰ ۾ اضافي جي گنجائش موجود آهي اِنْ شَآءَاللّٰه هن ۾ اضافو ٿي ٿيندو.

## مَدَني مذاڪري جو سلسلو ڪڏهن شروع ٿيو؟

**سُوال:** مَدَني مذاڪري جو آغاز ڪڏهن کان ٿيو ۽ اوهان جي ذهن ۾ سُوالن جا جواب ڏيڻ جو خيال ڪيئن آيو؟ (حاجي حسان عطاري جو سُوال)

**جواب:** منهنجي شروع کان ئي شرعي مسئلن ۾ دلچسپي رهي آهي انهيءَ شوق جي ڪري منهنجي مفتي اعظم پاڪستان مفتي وقارُ الدين قادري صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وٽ اچ وڃ ٿيندي هئي، مان دعوتِ اسلامي ٺهڻ کان پهريان بهارِ شريعت جو درس بہ ڏيندو هيس ۽ ماڻهو جيڪي سُوال ڪندا هئا انهن جا جواب ڏيندو هيس. ايئن اهو سلسلو دعوتِ اسلامي ٺهڻ کان پهريان جو جاري هو پوءِ جڏهن دعوتِ اِسلامي ٺهي هن ۾ بہ اهو سلسلو هلندو رهيو، البت پهريان هن جو ڪو نالو نہ هو "مَدَني مذاڪره" نالو وڏي گهڻو بعد ۾ ڏنو ويو آهي. اللّٰه پاڪ هن کي قبول فرمائي ۽ مون کي غلطين کان محفوظ رکي، منهنجي وس آهر ڪوشش هوندي آهي تہ مان اهو سلسلو عالم سڳورن جي موجودگي ۾ ڪيان تہ جيئن غلطي ٿئي تہ انهن کان اصلاح ڪرائي سگهجي.

## مدرسة المدينہ ۽ جامعۃُ المدينہ ڪيئن وُجود ۾ آيا؟

**سُوال:** جيئن تہ دعوتِ اِسلامي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ ٻٽائي ويندڙ تحريڪ آهي تہ اهو اِرشاد فرمايو تہ جڏهن دعوتِ اِسلامي وُجود ۾ آئي ڇا ان وقت اوهان جي ذهن ۾ هو تہ دعوتِ اسلامي مدرسا ۽ جامعہ پڻ قائم ڪندي؟

**جواب:** جڏهن دعوتِ اِسلامي وُجود ۾ آئي تہ ان وقت مدرسن ۽ جامعات جو تصور تائين نہ هو، پر جڏهن ڪم وڌيو ۽ اسلامي ڀائر گڏ ٿيڻ شروع ٿيا تہ اسان سوچيو نئين ايندڙ اسلامي ڀائرن کي قرآن پاڪ جي تعليم بہ ڏيڻ گهرجي ڇوتہ اهو مناسب نہ آهي تہ اسلامي ڀائر صرف ڏاڙهي ۽ عمامو سجائن ۽ انهن کي قرآنِ پاڪ پڙهڻ نہ ايندو هجي! جڏهن تہ قرآنِ پاڪ دُرُست پڙهڻ هڪ ضروري امر آهي، تنهنڪري اسان هن جي لاءِ مدرسة المدينہ بالغان شروع ڪيا. پوءِ الله پاڪ اسباب پيدا ڪيا تہ (ٻارن ۽ ٻارڙين جي لاءِ) مدارسُ المدينہ بہ شروع ٿي ويا. اِنْ شَآءَاللّٰه مدرسة المدينہ مان هزارين بلڪ لکين ٻار ٻارڙيون حفظِ قرآن ۽ ناظره قرآن پڙهي فارغ ٿي چڪا آهن. (1) پڻ هزارين خوش نصيبن جامعة المدينہ مان درسِ نظامي يعني عالم ڪورس مڪمل ڪري ورتو آهي.(2)

---

1 ……هينئر تائين حفظ و ناظره قرآن مڪمل ڪرڻ وارن ٻارن ٻارڙين جو تعداد تقريباً ٽيهہ لک 65 هزار آهي. (شعبہ ملفوظات اميرِ اهلِ سُنَّت)

2 ……هينئر تائين تقريباً 12 هزار شاگرد ۽ شاگردياڻيون درسِ نظامي مڪمل ڪري چڪيون آهن. (شعبہ ملفوظات اميرِ اهلِ سُنَّت)

## دعوتِ اِسلامي ڪروڙين ماڻهن جي محسن آهي!

**سُوال:** دعوتِ اِسلامي سان بيشمار اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون وابسته آهن، اهي سڀئي روزانو ٻه ڪلاڪ دعوتِ اِسلامي جي مَدَني ڪمن جي لاءِ نتا ڏين، جيڪڏهن اهي نيت ڪن ته اِنْ شَآءَ اللّٰه روزانو دعوتِ اسلامي جي مَدَني ڪمن جي لاءِ ٻه ڪلاڪ ڏيندا" ته هن مان ڪهڙا فائدا حاصل ٿيندا؟ اِرشاد فرمايو. (نگرانِ شوريٰ جو سُوال)

**جواب:** جيڪڏهن سمورا اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون روزانو دعوتِ اِسلامي کي ٻه ڪلاڪ ڏين تڏهن ٻه گهٽ آهي! جيڪو محسن هوندو آهي ان جو جيترو شڪريو ادا ڪيو وڃي گهٽ آهي، دعوتِ اِسلامي هزارن جي نه بلڪ لکين ڪروڙين جي محسن آهي. ڪيترا ئي ماڻهو اهڙا آهن جن کي دعوتِ اسلامي جي ڪري دُرُست مسلڪ جي خبر پئي، پنهنجي مذهب جي باري ۾ صحيح معلومات حاصل ٿي، بي نمازي نماز پڙهڻ لڳا، ڏاڙهي ڪوڙ ڏاڙهيون رکڻ لڳا، مٿي اگهاڙن عمامو شريف سجائي ورتو، بدمعاشيون ڪرڻ وارا عاجزيون ڪرڻ لڳا ۽ جيڪي جمعي جي نماز نه پڙهندا هئا اهي مسجدن جا امام بڻجي ويا. اڄ معاشري ۾ جيترا عمامي وارا نظر اچي رهيا آهن، چاهي اهي ڪهڙو به ادارو هلائي رهيا هجن، انهن جي اڪثريت تي دعوتِ اِسلامي جو احسان آهي، عمامي جو تصور تقريباً ختم ٿي ويو هو وڏا، پوڙها ۽ بزرگ ماڻهو مٿي تي ڪپڙو ويڙهيندا ها يا بعض مشائخ عِظام ۽ مشهور عالم سڳورا عمامو شريف پائيندا هئا انهن کان علاوه ڪو غير مشهور عالمِ دين يا عوامي شخص عمامو پائيندو هجي ته اهو گهڻو مشڪل هو، پر هاڻي تمام وڏو تعداد آهي جيڪو عمامو شريف پائي ٿو.

دعوتِ اِسلامي زُلفن واري سُنَّت ادا ڪرڻ جو تصور ڏنو،
اَلْحَمْدُ لِلّٰه ڪيئي اِسلامي ڀائر اها سُنَّت ادا ڪري رهيا آهن، معاشري ۾ ڏاڙهي رکڻ عام نہ هو، ايستائين جو جڏهن مونکي ڏاڙهي آئي تہ بعض نادان ماڻهو مون کي طرح طرح جون بڇائي ڪري ڊيڄاريندا هئا مثال طور ”توهان ڏاڙهي رکندؤ تہ هي ٿي ويندو! جيڪڏهن توهان ڏاڙهي رکي ڪوڙائيندو توهان سان ڪجھ ٿي ويندو، فلاڻي ڏاڙهي رکي ڪوڙائي هئي تہ ان کي هي تڪليفون آيون.“ پر اَلْحَمْدُ لِلّٰه مان انهن تمام ڳالهين کي منهن ڏيندو رهيس ڪنهن جي ڳالهين تي ڪن نہ ڌريو ۽ ڏاڙهي رکي ورتي، ۽ مون زُلف بہ دعوتِ اسلامي ٺهڻ کان پهريان ئي رکيا ، ايئن نہ آهي تہ مون دعوتِ اِسلامي جي ڪري زلف رکيا هجن، منهنجو شروع کان جذبو هو تہ مان اهي سيئي شيون ڪندس. مون کي ڏسي منهنجي بعض دوستن پڻ زُلف ۽ ڏاڙهيون وڌايون هيون جڻ زُلف ۽ ڏاڙهي رکڻ جي تحريڪ دعوتِ اسلامي ٺهڻ کان پهريان ئي شروع ٿي چڪي هئي. خيال رهي! مان اهو نہ پيو چوان تہ ماڻهن کي ڏاڙهي صرف مون ئي رکرائي آهي، ڏاڙهي تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنَّت آهي پهريان بہ هزارين لکين ماڻهن کي ڏاڙهي رکيل هئي، پر منهنجي مراد اها آهي تہ اسان جي آس پاس جي ماڻهن ۾ ڏاڙهي وارا سُنّي تمام گهٽ هئا، اوهان چاهيو تہ وڏي عمر وارن کان تصديق ڪري وٺو اهي ٻڌائيندا تہ الياس صحيح چئي رهيو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اها ڳالھ نئي نسل کي سمجھ ۾ نہ اچي چوتہ انهن اکيون کوليون تہ والد صاحب کي ڏاڙهي رکيل ڏٺائون ۽ ان کي ڏسندي پاڻ بہ ڏاڙهي رکي ورتي، پر غور ڪريو انهن جي والد صاحب کي ڏاڙهي ڪنهن رکرائي؟ ڪٿي نہ ڪٿي دعوتِ اِسلامي جو فيضان نظر اچي ويندو.

الله جو ڪرم آهي جو دعوتِ اسلامي ماڻهن ڪي تبديل ڪيو آهي انهن ڪي شعور تائين نہ هو تہ "شريعت" ڇا ٿيندي آهي، پر هاڻي هُو ۽ سندن نسل ڪيئي حج ۽ عمرا ڪري چڪا آهن، نہ تہ نوجوان طبقو حج نہ ڪندو هو، صرف پوڙها حضرات حج ڪرڻ ويندا هئا، هاڻي الله پاڪ جي رَحمت سان پاڪستان جا بيشمار نوجوان حج ڪندي نظر اچن ٿا. خيال رهي مان اهو نہ پيو چوان تہ حج جو شعور بہ دعوتِ اسلامي ڏنو آهي بلڪ منهنجي مراد اهو آهي تہ هڪ تعداد آهي جنهن جو دعوتِ اسلامي سان وابستہ هئڻ جي ڪري حج ڪرڻ جو ذهن بڻيل آهي، اهي ماڻهو آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪرم سان "مدينہ مدينہ" ڪندا آهن سال ۾ بہ بہ ٽي ٽي ڀيرا مديني پهچي ويندا آهن. بهرحال دعوتِ اسلامي گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي، نمازي بڻايو آهي، عاشقِ رسول بڻايو آهي، عشقِ رسول جي چاشني ڏني آهي، ايتري قدر انمول احسانن جي باوُجود ڪو چوي تہ مان هفتيوار اجتماع ۾ نہ ويندس، مَدَني قافلي ۾ سفر نہ ڪندس، نيڪ اعمال (1) جو رسالو کولي بہ نہ ڏسندس، زُلف نہ

[1] ...... شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن پُرفتن دور ۾ آساني سان نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي طريقيڪار تي مشتمل شريعت وطريقت جو جامِع مجموعو بنامِ "نيڪ اعمال" سُوالن جي صورت ۾ عطا فرمايو آهي. اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، شاگرد علمِ دين جي لاءِ 92 ،ديني شاگردياڻين جي لاءِ 83، ٻارن ۽ ٻارڙين جي لاءِ 40 ۽ خصوصي اِسلامي ڀائرن (يعني گونگن ٻوڙن) جي لاءِ 27 مَدَني اِنعامات آهن. بيشمار اِسلامي ڀائر، اسلامي ڀينرون ۽ شاگرد نيڪ اعمال جي مطابق عمل ڪري روزانو "جائزي " يعني پنهنجي اعمال جو جائزو وٺي مَدَن نيڪ اعمال جو پاڪٽ سائز رسالي ۾ ڏنل خانا پُر ڪن ٿا. ان جي برڪت سان پابندِ سنت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر جو ذهن بہ بڻي ٿو. اهو رسالو دعوتِ اِسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان هديو ڏئي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

(شعبہ ملفوظات اميرِ اهلِ سُنَّت)

رڪندس، عمامو شريف نہ ٻڌندس يا مان نيڪ اعمال تي عمل نہ ڪندس وغيره تہ ڇا اهو صحيح هوندو؟ جڏهن تہ ڪنهن کي بہ اهڙيون ڳالهيون نہ ڪرڻ گهرجن.

اسان جا اسلامي ڀائر چاهين تہ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهن ٿا، پنهنجي اندر ڪجهہ ڪرڻ جي همت پيدا ڪريو پوءِ ڏسو ڪيئن ڪمال ٿئي ٿو. مدني ڪمن جي لاءِ روزانو بہ ڪلاڪ ڏيڻ جي گذارش ڪئي ويندي آهي هن ۾ دعوتِ اِسلامي جا اڪثر مَدَني ڪم تي سگهن ٿا مثال طور مدرسة المدينہ بالغان، هفتيوار اجتماع، اسلامي ڀائرن سان گڏجي ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ سنتون سيکارڻ وغيره سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو بس ذهن ٺهڻ جي دير آهي.

## دعوتِ اِسلامي جو پاڪستان جي تاريخ ۾ بي مثال ڪارنامو

**سُوال:** ڪراچي ۾ تيڻ وارين برساتن جي ڪري ڪيئي رهاڪو متاثر ٿيا، دعوتِ اِسلامي ويلفيئر تحت مرڪزي مجلس شوريٰ جا رڪن انهن علائقن ۾ وڃي متاثرين سان غم خواري ۽ همدردي جو اظهار ڪندا رهيا، ان سان گڏوگڏ ان جي خير خواهي ڪرڻ جو سلسلو بہ جاري هو، انهن کي اناج، خوراڪ ۽ صاف پاڻي فراهم ڪيو ويو، ان کان علاوه ضرورتن کي هٿو هٿ پورو ڪيو ويو، اوهان هن حوالي سان ڪجهہ اِرشاد فرمايو. (نگرانِ شوريٰ جو سُوال)

**جواب:** حديثِ پاڪ آهي: خَيْرُ النَّاسِ مَنْ يَنْفَعُ النَّاسَ يعني ماڻهن ۾ بهتر اهو آهي جيڪو ماڻهن کي فائدو پهچائي. (1) پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

[1] ...... ڪشف الخفاء،حرف الخاء المعجمة،۱/۳۴۸، حديث:۱۲۵۲۔

ڏکايل اُمَّت جي خدمت ڪرڻ انهن کي فائدو پهچائڻ واقعي اعليٰ درجي جي شيء ۽ تمام وڏو نيڪ ڪم آهي. شروع ۾ دعوتِ اسلامي تحت اهو ڪم ڪونہ ٿيندو هو آهستي آهستي حالات جي نزاڪت کي ڏسندي ڪم وڌندو ويو ۽ الله پاڪ جي رحمت سان اسان وٽ اَفرادي قوت تمام گهڻي وڌي وئي آهي تہ اسان جي ويلفيئر جو ڪم بہ شروع ٿي ويو آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه اهو ڪم ايئن شروع ٿيو جو پاڪستان جي تاريخ ۾ ان جو مثال نٿو ملي. 2005 سنِ عيسوي ۾ جڏهن زلزلو آيو هو ان ۾ بہ دعوتِ اِسلامي جي لاجواب خدمتون هيون جنهن جي ڪري ماڻهن جون دليون دعوتِ اسلامي ڏانهن مائل ٿي ويون هيون ۽ وڏن وڏن قائدن ان کي خوب ساراهيو هو.

(نگرانِ شوريٰ فرمايو:) 2005 سنِ عيسوي ۾ زلزلي جي ڪري تمام گهڻي تباهي ٿي هئي، ان وقت زلزلي ۾ متاثر ٿيندڙن جي امداد جي لاءِ دعوتِ اِسلامي جي طرفان 600 ڪان وڏيڪ ٽرڪ ويا هئا جڏهن اسان هن جي ماليت شمار ڪئي تہ اهي 17 ڪروڙ روپيا ٿيا هئا.

## نگرانِ شوريٰ يومِ دعوتِ اِسلامي ڪيئن ملهايو؟

**سُوال:** پيارا نگرانِ شوريٰ اوهان يومِ دعوتِ اِسلامي ڪهڙي طرح ملهايو؟

**جواب:** (نگرانِ شوريٰ فرمايو:) اَلْحَمْدُلِلّٰه مون يومِ دعوتِ اِسلامي پنهنجي پير و مرشد کي مبارڪ باد ڏئي ملهايو ۽ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندي بہ رڪعت نفل ادا ڪيا. الله پاڪ ايتري عظيم تحريڪ ۽ ايتري پياري پير و مرشد سان وابستگي عطا فرمائي، الله پاڪ هن نعمت ۾

اجا برڪت عطا فرمائي ۽ ڪسجي وڃڻ واري نعمت کان محفوظ رکي، ۽ هن مَدَني ماحول ۾ استقامت ڏي ۽ اخلاص نصيب فرمائي.

## الله پاڪ جا محبوب ٻانها

الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عَرَبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”ڇا مان توهان کي اهڙن ماڻهن جي باري ۾ خبر نہ ڏيان جيڪي نہ نبين مان آهن نہ شهيدن مان آهن، پر قيامت جي ڏينهن نبي ۽ شهيد انهن جي رُتبي کي ڏسي رشڪ ڪندا، اهي ماڻهو نور جي منبرن تي بلند هوندا؟ هي اهي ماڻهو آهن جيڪي الله پاڪ جي ٻانهن کي ان جو محبوب يعني پيارو ٻانهو بڻائيندا آهن ۽ زمين تي ماڻهن کي نصيحتون ڪندا رهندا آهن.“ عرض ڪيو ويو اهي ڪهڙي نموني ماڻهن کي الله پاڪ جو محبوب يعني پيارو بڻائن ٿا؟ فرمايائون: ” اهي ماڻهن کي الله پاڪ جي پسنديده ڳالهين جو حڪم ڏين ٿا ۽ هن جي ناپسند ڳالهين کان منع ڪن ٿا، بس جڏهن ماڻهو ان جي اطاعت ڪندا تہ الله پاڪ انهن کي پنهنجو محبوب بڻائي وٺندو. (1) اها وڏي ايمان افروز حديث شريف آهي، جيڪي ماڻهو الله پاڪ جو محبوب بڻائن ٿا الله پاڪ انهن کي پنهنجو محبوب ڇو نہ بڻائي؟ اَمْرٌ بِالْمَعْرُوف وَ نَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر يعني نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ دعوتِ اِسلامي جو اهم ترين ۽ عظيمُ الشان مَدَني ڪم آهي جيڪا اِصلاحِ اُمَّت جي ئي هڪ ڪوشش آهي.

[1]...... شعب الايمان، باب في محبة الله، ۱/۳۶۷، حديث:۴۰۹۔

## اصلاح اُمّت جو دَرد (حِڪايت)

اميرِ اهلِ سُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَہ هڪ پيري عقيقي جي تقريب ۾ تشريف فرما هئا، جانشينِ اميرِ اهلِ سُنَّت حاجي عبيد رضا عطاري مَدّظِلُّهُ العالی پڻ گڏ هئا، مان به حاضرِ خدمت هئس ۽ جامعة المدينہ جا شاگرد پڻ گڏ هئا، جڏهن هن تقريب جي لاءِ عقيقي جو جانور ذبح ٿيو ته ان جي حلال، حرام ۽ مڪروه عضوئن جي حوالي سان تفصيل بيان ڪئي وئي ۽ باقاعده عضوا ڪٽي به ڏيکاريا ويا ته ڪهڙو عضوو ڪائڻ جو آهي ۽ ڪهڙو نہ آهي، اهو به ٻڌايو ويو ته گردا، ڦڦڙ ۽ غُدود ڇا هوندا آهن بلڪ اهو پڻ بيان ٿيو ته سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جانور جو ڪهڙو گوشت پسند هو! اهو سڄو معاملو ڏسي مون اميرِ اهلِ سُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَہ جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته عام طور تي اسان جي دعوتن ۾ هن طرح جو ڪجھ ناهي ٿيندو بلڪ ماڻهو ايندا آهن ملندا آهن ۽ کاڌو کائي هليا ويندا آهن، اوهان کي اهو سڀ ڪرڻ تي ڪنهن اڀاريو جنهن جي لاءِ اوهان ايترو اهتمام فرمايو ۽ اهو سڀ بيان ڪيو ويو؟ منهنجي پيرو مرشد اميرِ اهلِ سُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَہ خوبصورت ۽ ايمان افروز جواب ڏيندي اِرشاد فرمايو: ”اصلاحِ اُمَّت جو درد!“ اهو جواب نهايت مختصر ۽ جامع هو جيئن چيو ويندو آهي: ” خَيۡرُ الۡكَلَامِ قَلَّ وَ دَلَّ يعني بهترين ڪلام اهو آهي جيڪو مختصر ۽ دليلن ڀريو هجي.“ واقعي اصلاحِ اُمَّت جو درد ئي آهي جيڪو اڄ دعوتِ اسلامي ترقي جون منزلون طئي ڪندي هتي موجود آهي. اها ڪيفيت اللّٰه پاڪ جي عطا ۽ محبوبِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار جو صدقو آهي.

## دعوتِ اِسلامي ۽ تَصَوُّف

**سُوال:** اوهان دعوتِ اِسلامي جي تَصَوُّف سان تعلق کي ڪيئن ڏسو ٿا؟
(نگرانِ شوريٰ جو مفتي فضيل رضا عطاري مَدّظِلّهُ العالی کان سُوال)

**جواب:** (مفتي فضيل رضا عطاري مَدّظِلّهُ العالی فرمايو:) اسان جو مَدَني مقصد آهي: ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.“ هن مَدَني مقصد جو پهريون جُزء پنهنجي اِصلاح جي باري ۾ آهي ۽ پنهنجي اِصلاح ۾ ظاهر سان گڏوگڏ باطن جي اِصلاح بہ ٿيندي آهي، جڏهن لفظِ ”باطن“ چيو ويندو آهي تہ هن مان دل ئي مراد هوندو آهي ۽ تَصَوُّف دل جي طَهارت (يعني پاڪيزگي) جو نالو آهي، جڏهن دل پاڪ ٿي ويندي آهي تہ ظاهر بہ پاڪ ۽ صاف ٿي ويندي آهي، اسان جي هن مَدَني مقصد جي پهرين جزء ۾ هن باري ۾ واضح اِشارو موجود آهي. ياد رهي تہ مقصد وسارڻ جي لاءِ ناهي هوندو بلڪ هميشہ ياد رکڻ جي لاءِ هوندو آهي، دعوتِ اِسلامي جي مَدَني ماحول ۾ پنهنجو اهو مقصد ياد رکڻ جا ڪوڙ سارا موقعا موجود آهن، مثال طور مسجدن جي آباد ڪاري، مدرسن جو قيام، مَدَني قافلن ۾ سفر، بيانات ۽ اجتماعات وغيره جو انعقاد. جيئن تہ دل جي طَهارت جو گهرو تعلق عمل سان آهي، لهٰذا اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هن جي لاءِ مَدَني انعامات عطا فرمايا آهن تہ جيئن پانهو جڏهن هن تي عمل ڪري تہ ان جي دل پاڪ ۽ صاف ٿي وڃي ڇوتہ جڏهن دل صاف هوندي تہ ايمان بہ مضبوط ۽ ڪامل ٿيندو.

## نجات جي لاءِ ٻہ شيون ضروري آهن

ٻہ شيون وڏيون اهم آهن هڪ ”ايمان“ ۽ ٻيو ”اخلاص“ ايمان جي بغير ڪو مسلمان نٿو ٿي سگھي ۽ اخلاص جي بغير ڪو عمل قبول ناهي ٿيندو. قرآنِ پاڪ ۾ جتي نيڪ ۽ نجات يافتہ ماڻھن جو ذِڪر ٿيندو آهي يا انهن جي جنت ۾ داخل ٿيڻ جي خوشخبري بيان ڪئي ويندي آهي اتي ٻہ لفظ استعمال ٿين ٿا: هڪ ” اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا“ ۽ ٻيو ”وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰت“ يعني جن ماڻھن ايمان آندو ۽ جن نيڪ اعمال ڪيا. جيئن سوره عصر ۾ فرمايو ويو:

وَ الْعَصْرِ ۙ﴿۱﴾ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِیْ خُسْرٍ ۙ﴿۲﴾ اِلَّا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ تَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ۙ۬ وَ تَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ﴿۳﴾

ترجمو: ان محبوب زماني جو قسم. بيشڪ انسان ضرور نقصان ۾ آهي. مگر جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ۽ هڪ ٻي کي حق جو تاڪيد ڪيائون ۽ هڪ ٻي کي صبر جي وصيت ڪيائون.

جيڪڏهن هڪ جملي ۾ هن سورت سڳوري تي عمل ڪرڻ جو رستو بيان ڪيو وڃي تہ اهو هي ٿيندو: ”آئيڊيل صورت ۾ سوره عصر تي عمل ڪرڻ جو رستو دعوتِ اِسلامي جو مدني ماحول آهي!“ دعوتِ اِسلامي جي مَدَني مقصد ۾ هن باري ۾ واضح اشارو موجود آهي. ايمان ۽ اخلاص اهي ٻہ شيون تمام گھڻيون اهم آهن ڇوتہ ايمان جي بغير نجات ناهي ۽ اخلاص جي بغير عمل قبول ناهي. ريا ڪار جي باري ۾

تمام سخت وعيدون موجود آهن مثال طور رياڪار کي اهڙو عذاب ڏيندو، جنهن کان جهنم به پناهه گهرندو.[1]

## ظاهر ۽ باطن ٻنهي جي اصلاح ضروري آهي

مَدَني مقصد جي پهرين جزء "مون کي پنهنجي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" جو مطلب اهو ٿيو ته "مون کي پهريان پنهنجي دل جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اهو ناهي ته صرف ظاهر جي اِصلاح ڪرڻي آهي ۽ باطن کي وساري ڇڏڻو آهي يا باطن جي اصلاح ڪرڻي آهي ۽ ظاهر کي وسارڻو آهي! بلڪ ظاهر و باطن ٻنهي جي اصلاح ڪرڻي آهي جيڪا ضروري آهي. بعض ماڻهو دعوائون ڪن ٿا ته اسان جي دل جي اصلاح ٿي چڪي آهي جڏهن ته انهن جي دل جي ڪا اصلاح ناهي ٿيل هوندي ڇوته انهن جو ظاهر شريعت جي مطابق ناهي هوندو، اهي ماڻهو شريعت جي واضح مخالفت ڪري رهيا هوندا آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوتِ اِسلامي اسان کي اهڙو ماحول فراهم ڪيو آهي جنهن ۾ رهندي دين تي عمل ڪرڻ آسان آهي، اسان هن مَدَني ماحول جي بَرَڪت سان ظاهر کي به سنو ڪري سگهون ٿا ۽ باطن کي به سنواري سگهون ٿا. انهيءَ ماحول سڀ کان پهريان توبه جو رستو ڏيکاريو پوءِ مدرسة المدينہ ۽ جامعة المدينہ جي شڪل ۾ علمِ دين جا دروازا کولي ڇڏيا.

ياد رکو! تَصَوُّف جو تعلق دل جي اصلاح سان آهي ۽ اصلاح ان وقت تائين نٿي ٿي سگهي جيستائين سچي توبه ۽ دين جو علم نه هجي جڏهن اهي ٻئي شيون هونديون آهن ته ٻانهو عمل ڏانهن متوجه ٿيندو

---

[1]..... معجم ڪبير،الحسن عن ابن عباس،١٢/١٣٦، حديث:١٢٨٠٣ ماخوذاً۔

آهي ۽ پنهنجي عمل کي محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ اخلاص جي لاءِ ڪوشش ڪندو آهي، وڏ ڪان وڏ وقت يادِ الٰهي ۾ گذاريندو آهي تہ جيئن دل جي ڪاراڻ بالڪل ختم ٿي سگهي ڇوتہ جڏهن دل ڪاري ٿيندي آهي تہ ان جي ڪاراڻ سڄي بدن تي اچي ويندي آهي جنهن جو اثر افعال ۽ اقوال ٻنهي تي ٿيندو آهي، انهن مان برڪت هلي ويندي آهي ان جون ڳالهيون ۽ ڪم نورانيت کان خالي ٿي ويندا آهن! مذڪوره تمام گفتگو اسان جي مدني مقصد جي پهرين جزء جي پيش نظر هئي.

## فضلِ الٰهي کان سواءِ دل جي اِصلاح ممڪن ناهي!

اميرِاهلِسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اِرشاد فرمايو: سڀ الله پاڪ ئي جو فضل آهي هن جي بغير ڪجهہ نٿو ٿي سگهي.“ اها حقيقت آهي الله پاڪ جي فضل کان سواءِ ڪجهہ نٿو ٿي سگهي ايستائين جو پنهنجي اصلاح بہ ڪرڻ چاهيون تہ الله پاڪ جي فضل جي بغير نٿو ٿي سگهي خاص ڪري باطن جي اِصلاح تہ الله پاڪ جي فضل جي بغير ٿي ئي نٿي سگهي. جيئن قرآن پاڪ جي آيت سڳوري آهي:

وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ مَا زَكٰى مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ اَبَدًا[1]

ترجمو: ۽ جيڪڏهن الله جو فضل ۽ ان جي رحمت توهان تي نہ هجي ها تہ توهان مان ڪو بہ ڪڏهن بہ پاڪ نہ ٿي سگهي ها.

جيترا مسلمان پاڪ آهن سيئي الله پاڪ ئي جو فضل آهي، اسان دعوتِ اسلامي جو حصو آهيون تہ اهو بہ الله پاڪ جي فضل و ڪرم ئي سان

[1] پ۱۸،النور:۲۱

آهي، جيڪڏهن اسان کي باطن جي طهارت، توبہ جي توفيق ۽ علم و اِخلاص نصيب ٿيندو آهي تہ اهو سڀ اللّٰہ پاڪ جي فضل ۽ ان جي عنايت سان ئي ٿيندو آهي.

## يومِ دعوتِ اِسلامي ملهائڻ جا فائدا

(مفتي علي اَصغر عطاري مَدّظِلُّہُ العالی جن فرمايو:) اج (۽ سيپٽمبر 2020 ء) جو ڏينهن يومِ دعوتِ اِسلامي جي حوالي سان اهميت جوڳو آهي ۽ اج ۽ خوشيون حاصل ٿيون آهن، هڪ اها تہ ۽ سيپٽمبر تي دعوتِ اسلامي نهي ۽ بي اها تہ انهيءَ ڏينهن يومِ دعوتِ اِسلامي ملهائڻ جو سلسلو شروع ٿيو آهي! يومِ دعوتِ اِسلامي ملهائڻ ۾ شڪر جو پهلو موجود آهي تہ دعوتِ اِسلامي سان وابستہ ٿيندڙ هن ڏينهن خصوصيت سان اللّٰہ پاڪ جي عطا ڪيل هن نعمت جو شڪر ادا ڪري ٿو، هن ۾ پنهنجو جائزو وٺڻ جو پهلو بہ موجود آهي جو هن ڏينهن جائزو وٺڻ جو موقعو ملندو تہ هنيئر تائين اسان دعوتِ اسلامي جي لاءِ ڇا ڪيو آهي ۽ مزيد ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ اهو پهلو بہ موجود آهي تہ نئي نسل کي خبر پئي تہ جيڪو باغ و بهار اج اسان ڏسي رهيا آهيون اهو ڪهڙن ڪهڙن مرحلن مان گذري ايستائين پهتو آهي.

## اولياءِ ڪرام جو اندازِ دعوتِ اِسلامي

دعوتِ اِسلامي جو جيڪو رنگ، مزاج ۽ خوبصورتي آهي هن کي سمجهڻ جي لاءِ ڪجھ بنيادي ڳالهيون سمجهڻ ضروري آهي. جيئن اللّٰہ پاڪ جا ولي هر دور ۾ هوندا آهن ۽ انهن جي وچ ۾ ڪوڙ ساريون ڳالهيون مُشترَڪ (يعني هڪ جهڙيون) هونديون آهن، مثال طور ڇٽائي تي ويهندا ۽ دنيا فتح ڪندا! يعني ايترين ڪاميابيون ماڻيندا جيڪي

ظاهري اسباب سان حاصل ڪرڻ ممڪن نہ هونديون اهي ولي مختلف هوندا آهن ڪجھ اهي هوندا آهن جيڪي گُدڙي جا لعل هوندا آهن ۽ ظاهر ناهن ٿيندا، ڪجھ اهي هوندا آهن جيڪي ظاهر ٿيندا آهن، انهن جون اهڙيون بَرَڪتون هونديون آهن، جن مان هڪ زمانو فيض ياب ٿيندو آهي.

اولياءِ ڪرام جو مخلوقِ خدا سان جيڪو رشتو هوندو آهي ان جو مقصد ماڻهن جي دل بدلڻ هوندو آهي ان ڪان بعد اهي حضرات انهن جي تربيت ڪندا آهن. اهو ئي سبب آهي تہ چئني سلسلن يعني سلسلہ قادريہ، چشتيہ، سُهروَردِيہ ۽ نقشبنديہ جا مشائخِ عِظام پنهنجي مريدن جي تربيت جو اهتمام ڪندا رهيا آهن ۽ تربيت انهن نيڪ ٻانهن جي زندگي جو بنيادي مقصد رهيو آهي، پوءِ هر هڪ جي تربيت ڪرڻ جو انداز مختلف آهي ڪو خَلوَت گاهہ ۾ تربيت ڪري ٿو، ڪو وعظ و نصيحت جي ذريعي مخلوقِ خدا کي فيض ياب ڪري ٿو ۽ ڪو ڪتابن کي تربيت ڪرڻ جو ذريعو بڻائي ٿو. تربيت سان گڏوگڏ اولياءِ ڪرام تبليغِ دين ۽ اشاعتِ اسلام تي بہ خاص ڌيان ڏنو آهي. انهن تمام ڳالهين کي ملحوظِ خاطر رکندي جيڪڏهن غور ڪيو وڃي تہ اها ڳالھ سمجھ ۾ اچي ٿي تہ دعوتِ اسلامي هن ڪم ڪي ڪرڻ جي لاءِ جيتريون ڪوششون ڪيون هيون ان ڪان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ هن تحريڪ کي صلو مليو آهي ۽ غير متوقع ثمرات ۽ برڪتون حاصل ٿيون آهن. لڪين ماڻهو اهڙا آهن جيڪي دعوتِ اسلامي سان وابستہ نہ آهن، اهي بہ چوندي نظر اچن ٿا تہ جيڪڏهن دعوتِ اسلامي نہ هجي ها تہ خبر ناهي ڇا ٿي وڃي ها! هن جو تَصَوُّر ئي جسم ۾ عجيب ڪيفيت پيدا ڪري ٿو. دعوتِ اسلامي ۾ نہ هئڻ جي باوُجود اهي حضرات اعتِراف ڪن ٿا

تہ دعوتِ اِسلامي ڪوڙ سارين شين ۾ معاملن ڪي سنڀاليو آهي. اللّٰہ پاڪ امير اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِيَہ کي اها سعادت بخشي آهي. اسان اميرِ اهلِسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِيَہ جي سيرت جو مُطالعو ڪريون تہ معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ وٽ ڪي خاص ظاهري اسباب نہ هئا بلڪ پاڻ بسن ۾ اسڪوٽرن تي سفر ڪري اندرونِ شهر ۾ بيرونِ شهر تشريف وٺي ويندا هئا، جيڪڏهن اهو چيو وڃي تہ غلط نہ ٿيندو: اميراهلِ سنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِيَہ انهن ماڻهن مان آهن جن پاڪستان جي سڀ کان وڏيڪ مسجدن جو دورو ڪيو آهي!

## سالانہ اِجتماع ۾ هر سال اِضافو ٿيندو رهيو

اولياءِ ڪرام جي خصوصيتن مان اهو بہ آهي تہ اهي تبليغِ دين ۽ اشاعتِ اسلام جي لاءِ ڪنهن هنڌ ويندا آهن تہ مخلوقِ خدا جو انهن ڏانهن اهڙو رجحان ٿيندو آهي جو اها جڳهہ ننڍي پئجي ويندي آهي. اميراهلِسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِيَہ ڪڪڙي گراؤنڊ ۾ اجتماع شروع ڪيو تہ اهو ننڍو پئجي ويو، پوءِ اهو اجتماع ان کان وڏي جڳهہ يعني ڪورنگي ۾ منتقل ڪيو ويو ڪجهہ ئي عرصي ۾ اهو بہ پرجي ويو، ان کان بعد اجتماع ملتان شريف منتقل ڪيو ويو، ملتان ۾ بہ ڪيئي هنڌ بدلڻا پيا ۽ آخري ڀيري جتي سالانہ اجتماع ٿيو اها بہ ڪافي وڏي جڳهہ هئي، پر هيئن لڳندو هو تہ شايد هڪ ٻن سالن ۾ اها جڳهہ بہ پرجي ويندي. اهو دعوتِ اِسلامي ئي جو خاصو آهي تہ ايترو گهڻو تعداد اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ حاضر ٿي ويندو آهي، يقيناً هن ۾ غيبي مدد شاملِ حال آهي، پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نگاهِ رحمت ۽ اولياءِ ڪرام جو

فيضان آهي نہ تہ دعوتِ اسلامي جو ايتري گهٽ عرصي ۾ ترقي جي بلندين تائين پهچي وڃڻ محض انساني ڪوشش سان ممڪن نہ آهي.

## دعوتِ اِسلامي جو مقصد ماڻهن ۾ تبديلي آڻڻ آهي!

دعوتِ اِسلامي جي مدني ماحول ۾ اچڻ وارو سڀ کان پهرين جيڪا شيء پنهنجي دل ۾ محسوس ڪري ٿو اها آهي اسلام ۽ سنتن جي محبت، پوءِ ان جي زبان تي ذِڪرُ الله جاري ٿيندو آهي، ان جي زبان دُرُود پاڪ سان تر رهڻ لڳي ٿي، ان کي نمازون پڙهڻ جي نعمت ميسر ٿئي ٿي، ان کي نيڪين ۾ دلچسپي پيدا ٿئي ٿي ۽ جيڪڏهن ان ناظره قرآنِ پاڪ ناهي پڙهيو تہ ان جي دل ڪري ٿي تہ مان ناظره قرآنِ پاڪ پڙهان، ان جون ترجيحات بدلجي وينديون آهن، ان جي سوچ پهريان ڪجھ بي هوندي آهي ۽ بعد ۾ ڪجھ بي ٿي ويندي آهي ۽ رفتہ رفتہ اهو قلبي طور تي ترقي ڪرڻ لڳي ٿو. جيئن تہ دعوتِ اِسلامي جو مقصد ماڻهن جو ميڙ گڏ ڪري وڏا وڏا اجتماع ڪرڻ، پنهنجي قوت جو مظاهرو ڪري رُعب وجهڻ نہ آهي بلڪ هن جو مقصد معاشري جي ماڻهن کي تبديل ڪرڻ ۽ انهن ۾ بهتري آڻڻ آهي. اهو ئي سبب آهي تہ دعوتِ اسلامي ماڻهن ۾ تبديلي آڻڻ سان گڏوگڏ انهن جي تربيت ڪرڻ جو بہ خصوصي اهتمام ڪري ٿي ۽ ان جي لاءِ مختلف شعبن جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي مثال طور ”مدرسةُ المدينہ“ اهو قرآنِ پاڪ سيکارڻ جو شعبو آهي، ”فرض علوم ڪورس“ هن ۾ وقت بوقت مختلف ڪورس ڪرايا ويندا آهن، گونگن ٻوڙن اسلامي ڀائرن جي تربيت جو اهتمام، نيز زندگي جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن جي تربيت جي لاءِ مجلسن جو قيام مثال طور وڪلا مجلس، ڊاڪٽرز

مجلس وغيره يعني هر شعبي جي تقاضائن کي سامهون رکندي انهن سان منسلڪ ماڻهن جي انهن ئي جي ذهنيت جي مطابق تربيت ڪئي ويندي آهي.

## عالم سڳورن جا تاثرات(ويڊيو ڪلپ)

❖ حضرت علامہ مولانا سيد مظفر حسين شاه قادري صاحب مَدّظِلّهُ العالی: دعوتِ اسلامي کي الله تعاليٰ برڪتون عطا فرمائي ۽ هن طرح اهي چار دانگِ عالم (يعني دنيا جي چئني پاسن ۾) رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت کي عام ڪندا رهن.

❖ حضرت علامہ ڪوڪب نوراني اوڪاڙوي مَدّظِلّهُ العالی: مون کي وڏي خوشي آهي تہ دعوتِ اسلامي تحت علمي ڪم تمام نمايان سطح تي ٿي رهيو آهي.

❖ غازيءِ ملت شهزاده محدث اعظم هند حضرت مولانا سيد هاشمي ميان دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة: هو (امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري) سڀ ڪان پهريان سنت پنهنجو پاڻ تي نافذ ڪن ٿا پوءِ ماڻهن کي چون ٿا تہ هن تي عمل ڪيو، سندن جي تاثير جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي.

❖ مفتي محمد ابراهيم قادري مَدّظِلّهُ العالی: دعوتِ اسلامي جي نہ ٿڪجڻ ۽ نہ هارڻ واري جيڪا خوبي آهي ان سبب مون کي اميد آهي تہ مستقبل قريب ۾ اهي تمام جڳھون جتي ٿورو خَلا باقي آهي دعوتِ اسلامي ان کي پرينديي.

❖ حضرت مولانا افسر رضا رضوي مَدّظِلّهُ العالی: دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ الله جي رضا جي لاءِ جيڪا تحريڪ ڪم ڪري رهي آهي اها دعوتِ اسلامي آهي.

❖ حضرت مولانا سيد ذاڪر اشرفي صاحب مَدّظِلّهُ العالی: پوري دنيا جي اهلِ سنت وجماعت ۾ اڄ اوهان ڪم ۽ اوهان جو نالو آهي ۽ اَلحَمدُ لِلّٰه نوجوان نسل ۾ اوهان ڪافي جذبي سان ڪم ڪيو آهي.

❖ حضرت مولانا آفتاب عالم صاحب مَدّظِلّهُ العالی: دعوتِ اِسلامي جو ماحول جيڪو اڄ اسان پنهنجي چوڌاري ڏسي رهيا آهيون ڪاش! هر گلي هر محلي ۾ اهو ڪم نظر اچي.

## اراڪينِ شوريٰ جا جذبات، تاثرات ۽ شعبن جو تعارُف

(رڪنِ شوريٰ حاجي عبدُالحبيب عطاري فرمايو:) اسان سيئي غور ڪيون ته جيڪڏهن دعوتِ اسلامي نه هجي ها ته اسان ڪٿي هجون ها؟ اسان کي جيڪا عزت ملي يقيناً اها اميراهلِسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ دعوتِ اسلامي جو صدقو آهي، الله پاڪ اميرِ اهلِسنت ۽ دعوتِ اِسلامي کي سلامت رکي، يقيناً دعوتِ اِسلامي اُمَّت جي لاءِ تمام وڏو تحفو آهي، هن جي ڪري لکين ڪروڙين نوجوانن جون تقديرون بدلجيون آهن، جيڪڏهن انهن کي دعوتِ اِسلامي نه ملي ها ته خبر ناهي اهي ڪٿي هجن ها، اسان هن نعمت تي الله پاڪ جو جيترو شڪر ادا ڪيون گهٽ آهي. دعوتِ اِسلامي جي ڪري صرف اسان جي اندر ئي تبديلي نه آئي بلڪ اسان جو دعوتِ اِسلامي سان وابسته ٿيڻ اسان جي خاندان جي لاءِ به گهڻو فائديمند ثابت ٿيو. نگران شوريٰ هن نعمت جي شڪراني جي لاءِ ٻه رڪعت نفل ادا ڪرڻ جي ترغيب اِرشاد فرمائي هئي اَلحَمدُلِلّٰه

مون شڪراني جا ٻہ رڪعت نفل ادا ڪيا آهن، ٻين عاشقان رسول کي ٻہ گهرجي تہ الله پاڪ جي ايتري پياري ۽ عظيم نعمت جي شڪراني جي لاءِ نفل ادا ڪن.

## مَدَني چينل

اَلْحَمْدُلِلّٰه فيضانِ اميرِاهلِسنت سان مون وٽ دعوتِ اسلامي جي 21 شعبن جي ذميداري آهي انهن مان هڪ شعبو ”مدني چينل“ آهي (جيڪو رَمَضانُ المبارڪ ١۴٢٩ سنِ هجري مطابق 2008 سن عيسوي ۾ شروع ٿيو) ۽ 2020 سن عيسوي تائين مدني چينل کي شروع ٿيندي 12 سال گذري چڪا آهن، ابتداءً هن جي نشريات صرف اُردو زبان ۾ هوندي هئي، وقت سان گڏوگڏ مدني چينل کي سڄي دنيا ۾ مقبوليت حاصل ٿيندي وئي، ٻاهرين ملڪن مان پيغام ملڻ شروع ٿي ويا تہ ”هتي بہ مَدَني چينل ڏٺو ويندو آهي پر اسان جو نئون نسل انگريزي گهڻو سمجهي ٿو براءِ ڪرم مَدَني چينل انگريزي زبان ۾ بہ شروع ڪيو وڃي!“ اهو تمام وڏو چيلنج هو پر اَلْحَمْدُلِلّٰه ”مَدَني چينل انگلش“ شروع ٿي ويو، ان کان بعد انوڪو مطالبو ٿيو تہ ”بنگلہ ديش جا مسلمان مدني چينل بنگلہ زبان ۾ ٻڌڻ ۽ ڏسڻ چاهين ٿا، لِهٰذا اتي بنگلہ زبان ۾ مَدَني چينل نشر ڪيو وڃي!“ جيئن تہ اتي بہ وڏي تعداد ۾ مسلمان آهن، ان ڪري بنگلہ زبان ۾ مَدَني چينل شروع ڪيو ويو. مَدَني چينل سڄي دنيا ۾ هڪ ئي چينل آهي جيڪو سؤ فيصد اِسلامي آهي، هن جون نشريات ٽن زبانن ۾ هلي رهيون آهن، ان جي علاوه دنيا جي ڪيئي زبانن ۾ هن جا پروگرام ڊب ڪيا پيا وڃن، مدني چينل سيٽلائيٽ سان

گڏوگڏ پنهنجي ويب سائٽ ۽ Application تي به انهن ٽنهي زبانن ۾ 24 ڪلاڪ آن ايئر هوندو آهي.

## ٻارن جو مَدَني چينل

ٻارن جي لاءِ ”ڪدز مَدَني چينل“ جو خصوصي سلسلو شروع ڪيو ويو آهي، شروع ۾ اهو سلسلو صرف ٻن ڪلاڪن جو هو پر هاڻي هن جي نشريات چار ڪلاڪ ڪئي وئي آهي ۽ مستقبل ۾ الڳ سان ”ڪدز مدني چينل“ شروع ڪرڻ جي به نيت آهي. ڪدز مدني چينل تي ”غلام رسول“ جي نالي سان جيڪي خاڪا نشر ٿين ٿا اهي به صرف اُردو زبان ۾ ئي ناهن بلڪ ٻين ڪوڙ زبانن ۾ نشر ڪيا ويندا آهن. هن سان گڏوگڏ عربي زبان ۾ مَدَني چينل جو هڪ يوٽيوب چينل بنائڻ جو اِرادو آهي ۽ هدف ۾ اهو به شامل آهي ته عربي زبان ۾ مستقل مدني چينل شروع ڪيو وڃي.

## سوشل ميڊيا (Social Media)

دعوتِ اِسلامي جو هڪ شعبو سوشل ميڊيا جو به آهي، دعوتِ اسلامي سوشل ميڊيا تي ڀر پور ڪم ڪري رهي آهي، هن ۾ به اُردو، عربي ۽ انگريزي وغيره ٻين زبانن ۾ الڳ الڳ شعبا ٺهيل آهن، جن جا ڪيئي ملين فالوورز آهن، اسان جي سوشل ميڊيا اڪاؤنٽ مان وائرل ٿيندڙ هڪ هڪ ويڊيو لکين ماڻهو ڏسن ٿا.[1]

[1] …… عاشقان رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اِسلامي هڪ مجلس بنام ”مجلس سوشل ميڊيا“ قائم ڪئي آهي اها مجلس هن وقت جن ويب سائٽس تي ڪم ڪري رهي آهي، ان ۾ يوٽيوب، فيس بڪ، ٽوئٽر، انسٽا گرام ٽيلي گرام ۽ واٽس ايپ شامل آهن. فيس بڪ تي 10 پيجز تي ڪم ڪيو پيو وڃي، جن ۾ دعوتِ اسلامي ، مولانا الياس قادري

## دعوتِ اِسلامي ويلفيئر

دعوتِ اِسلامي جو هڪ شعبو "دعوتِ اِسلامي ويلفيئر" آهي جنهن جي ذريعي مسلمانن جي مدد ڪئي پئي وڃي. هن ڪم جي لاءِ افرادي قوت ۽ ڪارڪنان جي ڪثرت هئڻ گهرجي جيڪا دعوتِ اسلامي وٽ موجود آهي، جيڪڏهن پاڪستان جي حوالي سان ڳالهه ڪجي ته منهنجو اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته گلي گلي محلي محلي ۾ دعوتِ اِسلامي وارا موجود هوندا آهن جن جي ذريعي هر علائقي ۾ آساني سان امدادي ڪاروائي ڪري سگهجي ٿي. جڏهن ته ٻين اِدارن ۾ اين جي اوز وٽ فنڊ هوندو آهي پر ڪارڪنان جي ڪمي جي ڪري اهي ڪم گهٽو نه ڪري سگهندا آهن.

ڪشمير ۾ 2005 سنِ عيسوي ۾ زلزلو آيو هو ته دعوتِ اسلامي به زلزلي ۾ متاثر ٿيڻ وارن سان خير خواهي ڪئي پر ان جي لاءِ اسان

---

، مولانا عبيد رضا ، حاجي عمران عطاري ، حاجي شاهد عطاري، دارالافتاء اهلِ سنت ، مدني نيوز ، مدني چينل، مدني چينل لائيو ۽ 30 سيڪنڊ ۽ ليس(Thirty Seconds Or Less) شامل آهن، جن سيني تي ملڻ وارن لائيڪس جو ڪل تعداد تقريباً1 ڪروڙ 30 لک آهي. يوٽيوب تي به 10 چينلز تي ڪم جاري آهي .جن ۾ مدني چينل، مولانا الياس قادري(Maulana Ilyas Qadri)،اسلام فار ڪڊز (Islam For Kids)،مولانا عبيد رضا عطاري (Maulana Ubaid Raza Attari)، مولانا عمران عطاري (Maulana Imran Attari)، مدني چينل اردو لائيو (Madani Channel Urdu Live)،مدني چينل انگلش (Madani Channel English)، مدني چينل انگلش لائيو(Madani Channel English Live) ۽ نعت پرودڪشن (Naat Production)شامل آهن. ان تمام چينلز جي صارفين (Subscribers) جو تعداد گڏجي تقريباً 1.7 ملين (17 لک) تائين پهتو آهي. جيڪڏهن اوهان به سوشل ميڊيا يوزر آهيو ته انهن پيجز ۽ چينلز کي لائيڪ ۽ سبسڪرائب (Subscribe) ڪيو، انهن جو ڪونٽينٽ(Content) خوب شيئر ڪيو ۽ قرآن و سنّت جي پيغام کي سڄي دنيا ۾ پهچائڻ ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو. (شعبہ ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت)

ڪي ڪراچي يا ڪنهن ٻي شهر کان اسلامي ۑائرن ڪي ڪشمير نہ موڪلڻو پيو بلڪ اتي اسان جا اسلامي ڀائر پهريان کان ئي موجود هئا تہ ڪراچي مان ڪشمير جي لاءِ صرف اناج ۽ نقد رقم موڪلي وئي ۽ اتي موجود اِسلامي ڀائرن جي ذريعي اهو سڀ ورهايو ويو.

2020 سنِ عيسوي ۾ ڪورونا وائرس جي وبا پکڙجي تہ اسان هن وبا سبب ڪنهن بہ طرح متاثر ٿيندڙ 26 لک مسلمانن جي امداد ڪرڻ جو هدف ورتو هو ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه (02.09.2020) تائين اسان 20 لک مسلمانن تائين تيار ٿيل خوراڪ، راشن، اَناج ۽ نقد رُقوم پهچائي چڪا آهيون ۽ اڃا اهو سلسلو جاري آهي.

ڪورونا وائرس سبب حفاظت جي لاءِ لاڪ ڊاؤن لڳايو ويو تہ هڪ نئون مسئلو پيش آيو جو ٿيليسيميا جي مرض ۾ مبتلا ٻارن جي لاءِ رت ملڻ دشوار ٿي ويو ۽ هن مرض ۾ مبتلا شخص کي رت نہ ملي تہ ان جي زندگي بچائڻ مشڪل ٿي ويندي آهي. هن مسئلي جي حساسيت کي ڏسندي شيخ طريقت اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ انوکو اِعلان ڪيائون:”انهن ٻارن جون زندگيون بچائڻ جي لاءِ منهنجي رت جي ضرورت هجي تہ اهو ورتو وڃي!“ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي هن اعلان تي هزارين عاشقانِ رسول 30 هزار کان وڌيڪ رت جا بيگ عطيہ ڪيا. اهو سڄو سلسلو دعوتِ اسلامي ويلفيئر جي ذريعي ٿيو جنهن ۾ دعوتِ اسلامي جي ”ڊاڪٽر مجلس“ جو شاندار تعاون حاصل هو.

گذريل برساتن سبب ڪراچي، حيدر آباد، اندرونِ سنڌ ۽ انهن جي ڳوٺن

۾ ٻوڏ واري صورتِ حال ٿي پئي، ڪيئي علائقا ھن جي وڪڙ ۾ اچي ويا، دعوتِ اِسلامي ويلفيئر ھن نازڪ صورتِ حال ۾ بہ مسلمانن جي خير خواھي جو فريضو انجام ڏنو ۽ تقريباً ٿي لک مسلمانن تائين ڪيش رقم، تيار ٿيل خوراڪ ۽ راشن پهچايو.

## دَارُالمدينہ

(رڪنِ شوريٰ حاجي اطھر عطاري فرمايو:) مون وٽ دعوتِ اِسلامي جي 17 شعبن جي ذميداري آھي انھن ۾ ھڪ اھم شعبو "دارُ المدينہ انٽرنيشنل اسلامڪ اسڪولنگ سسٽم" آھي جيڪو ديني ۽ دنياوي تعليم جو حسين امتزاج آھي، ھن جي خصوصيتن مان آھي تہ اتي شريعہ ڪمپلائنٽ اڪيڊمڪ ايجوڪيشن فراھم ڪئي ويندي آھي، مونٽي سري کان وٺي ميٽرڪ تائين انٽرنيشنل تعليمي ڪوائف جي مطابق مفتيانِ ڪرام سان چيڪ شده نصاب بھترين تجربيڪار پروفيشنل ٽيچرز جي نگراني ۾ پڙھايو ويندو آھي. دارُ المدينہ جو مڪمل نظام دعوتِ اِسلامي ٺاھيو آھي. اَلحَمدُلِلّٰہ ھن وقت 82 ڪيمپس قائم ٿي چڪا آھن، جن ۾ 22400 (ٻاويھ ھزار چار سو) اسٽوڊنٽس تعليم حاصل رھيا آھن، وطنِ مرشد پاڪستان سان گڏوگڏ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ بہ ھن جا ڪيمپس موجود آھن.[1]

[1]...... ضرورت ھن ڳالھ جي ھئي تہ ڪو اھڙو تعليمي اِدارو ھجي جيڪو دِيني و دُنياوي تعليم جو حَسين امتزاج ھجي، جنھن ۾ پڙھندڙ ٻار ۽ ٻارڙيون نہ صرف باوقار مُسلمان بڻجي بلڪ پيشوراڻي تعليم حاصل ڪري خُودڪفيل ٿي مُعاشري ۾ نُمايان مقام بہ حاصل ڪري سگھن. اَلحَمدُلِلّٰہ! "دارُالمدينہ" جي نالي سان 25 صفرُالمُظَفَّر ۱۴۳۲ سنِ

## ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ

دعوتِ اسلامي جو هڪ شعبو ”ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ“ آهي جيڪو مستند اسلامي ڪتابن جو دنيا جي مختلف زبانن ۾ ترجمو ڪندو آهي، شيخ ڪامل اميراهلِسنت جي ڪتابن، رسالن ۽ اڪابرين جي ڪتابن جو ترجمو ڪرڻ هن جو بنيادي مقصد آهي. هن شعبي تحت هاڻي تائين ڪم و بيش 3218 (ٽي هزار ٻہ سو ارڙهن) ڪتابن ۽ رسالن جو 37 زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي جيڪي دعوتِ اِسلامي جي ويب سائٽ تي بہ موجود آهن ۽ ڪجهہ دعوتِ اِسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ تان شائع بہ ٿي چڪا آهن.

## آئي ٽي ڊپارٽمنٽ

اڄوڪي دور ۾ ” I.T “(يعني انفارميشن ٽيڪنالوجي ڊپارٽمنٽ) جي اهميت ۽ افاديت سان ڪير واقف ناهي؟ دعوتِ اِسلامي دورِ جديد جي تقاضائن ڪان واقف ۽ ماڊرن ٽولز جي بيسٽ Emplimentation جي قائل آهي دعوتِ اسلامي جو هڪ شعبو ” I.T “ آهي. دعوتِ اِسلامي جي

---

هجري مطابق 31جنوري 2011 سنِ عيسوي تي هڪ نهايت اهم شعبو قائم ٿيو، جنهن جو بُنيادي مَقصد اُمَّتِ مُصطفٰي جي نئين نسلن کي سُنَّتن جو پيڪر ٺاهيندي دِيني و دُنيوي تعليم سان آراستہ ڪرڻ آهي. دارُالمدينہ ۾ تعليمي معيار کي بهتر بنائڻ جي لاءِ اهل، تجربيڪار ۽ اعليٰ تعليم يافتہ استاد سڳورن جو انتخاب ڪيو ويندو آهي، وقت بوقت استاد سڳورن جي تربيت جو اهتمام بہ ڪيو ويندو آهي تہ جيئن انهن کي جديد تعليمي تڪنيڪ سان آگاهي فراهم ڪري سگهجي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! مختصر عرصي ۾ هن وقت ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ، هند، برطانيہ (UK) ۽ رياست هاءِ متحده امريڪ (USA) وغيره ۾ دارُالمدينہ جا 82 ڪيمپس (Campus) قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ پڙهندڙ ٻارن ۽ ٻارڙين جو تعداد تقريبا 24 هزار کان وڌيڪ آهي. (شعبہ ملفوظات اميرِ اهلِ سُنَّت)

هن شعبي انفارميشن ٽيڪنالوجي جي ذريعي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ تقريباً 61 ويب سائٽ ۽ 38 موبائل اپلڪيشنز ناهيون آهن. هنن ۾ ”القرآن في التفسير“ ۽ ”پريئرٽائم “ گهڻو نمايان آهن.[1]

## مجلسِ رابطہ براءِ تاجران

ڪنهن بہ معاشري جي لاءِ بزنس ڪميونٽي ڪرنگهي جي هڏي جيان هوندي آهي، دعوتِ اسلامي پنهنجي مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جي بجا آوري ۽ هن طبقي تائين اسلامي تعليمات پهچائڻ جي لاءِ هڪ شعبو بنام”مجلس رابطہ براءِ تاجران “قائم ڪيو آهي. مجلس تاجران جو مقصد چيمبر آف ڪامرس ڪان وٺي عام بزنس مين تائين پهچڻ، انهن

1......انساني زندگي ترقي جون منزلون طي ڪندي سوشل ميڊيا جي جنهن دَور ڪان اڄ گذري رهي آهي، هن ۾ ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جو ڪردار تمام اهم آهي. فِي زمانہ اِنْفارميشن ٽيڪنالوجي ڪنهن نہ ڪنهن صُورت ۾ زندگي جي هر شُعبي تي اثر انداز آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي اصلاحِ اُمَّت جي لاءِ سڄي دُنيا ۾ اِسلام جون بهارون عام ڪرڻ جي لاءِ مختلف مجلسون ۽ شُعبا قائم ڪيا آهن ،انهن مان هڪ شعبو بنام ” آئي ٽي ڊپارٽمنٽ“ بہ آهي، جنهن جو ڪم انفارميشن ٽيڪنالوجي جي ذريعي سڄي دُنيا جي ماڻهن کي دُرُست اسلامي تعليمات پيش ڪرڻ آهي، مجلس آئي ٽي جي بهترين ڪارنامن مان اَعليٰ حضرت امام احمدرضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه جي جڳ مشهور ”فتاويٰ رضويہ شريف“ ۽ ”ترجمو قرآن ڪنزالايمان“ کي سافٽ وئير جي شڪل ۾ پيش ڪرڻ بہ آهي، مڪتبة المدينہ تان شائع ٿيندڙ ”تفسير صراط الجنان“ جو سافٽ وئير بہ ٺهي چڪو آهي، ۽ هينئر تائين 38 ايپلي ڪيشنز ٺهي چڪيون آهن. سوين ڪتاب ۽ رسالا، آڊيو/ويڊيو بيان، علمِ دين سان مالا مال سُوال جواب تي مشتمل مدني مذاڪري ۽ گهڻو ڪجھ ڄاڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ (www.dawateislami.net) جو وِزٽ بيشمار دِيني معلومات حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي. (شعبہ ملفوظات امير اهل سنت)

ڪي حلال و حرام جي حوالي سان ڄاڻ فراهم ڪرڻ، نيڪي جي دعوت پيش ڪرڻ آهي. [1]

## شعبہِ تعليم

دعوتِ اسلامي جو هڪ شعبو ”شعبہ تعليم“ آهي، هن شعبي جو مقصد تمام يونيورسٽيز، ڪاليجز، اڪيڊميز ۽ ٽيوشن سينٽرز وغيره ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ آهي. [2]

---

1......”مجلسِ رابطہ براءِ تاجران“ جو ڪم واپار سان لاڳاپيل ماڻهن کي واپار جي حوالي سان اسلامي تعليمات فراهم ڪرڻ، انهن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ، انهن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪرڻ آهي. مجلسِ رابطہ براءِ تاجران تحت وڏين وڏين مارڪيٽن، شاپنگ مالز وغيره ۾ مدرسة المدينہ بالغان جو اِهتمام ڪيو ويندو آهي. مِل ۽ فيڪٽري مالڪان کي مدني قافلن ۾ سفر جو ذهن ڏيڻ سان گڏوگڏ انهن وٽ ڪم ڪندڙ ملازمن کي بہ هر مهيني مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب ڏياري ويندي آهي. فيڪٽري ۽ ڪارخاني ۾ مسجد يا جاءِ نماز جو اِهتمام ڪيو ويندو آهي تہ جيئن عاشقانِ رسول نمازن جي پابندي ڪري سگهن .فيڪٽري ۽ ڪارخاني جي مسجد يا جاءِ نماز ۾ رمضان ۾ نمازِ تراويح جو بہ اِهتمام ڪيو ويندو آهي. شرعي رهنمائي جي لاءِ واپارين کي دارُالافتاء اهلِ سنّت سان رابطي ۾ رهڻ جو ذهن ڏنو ويندو آهي. واپار سان وابستہ افراد جي شرعي رهنمائي جي لاءِ مَدَني چينل تي هفتي ۾هڪ ڏينهن براهِ راست پروگرام ” احڪامِ تجارت“ بہ نشر ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ تجارت بابت پڇيل سوالن جي شرعي رهنمائي ڪئي ويندي آهي. الغرض تِجارت کي صحيح معنيٰ ۾ اِسْلامي خُطُوط تي اُسْتُوار ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اها مجلس ڪوشش ۾ مگن آهي. (شعبہ ملفوظات امير اهل سنت)

2...... شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه فرمائن ٿا:”شاگرد ملڪ و ملت جو قيمتي سرمايو هوندا آهن، مستقبل ۾ قوم جي ٻوڙ ٻڪ اهي سنڀاليندا، جيڪڏهن انهن جي شريعت وسنّت جي مطابق تربيت ڪئي وڃي تہ سڄو معاشرو خوفِ خدا و عشقِ مصطفيٰ جو گهوارو بڻجي ويندو.“ گورنمنٽ ۽ پرائيويٽ اسڪولز، ڪاليجز، يونيورسٽيز ۽ مختلف تعليمي اِدارن سان لاڳاپيل ماڻهن ۾ دين جي پيغام کي عام ڪرڻ جي لاءِ مجلس شعبہ تعليم جو قيام عمل ۾ آندو ويو، جنهن جو بُنيادي مَقصَد تمام تعليمي اِدارن سان وابستہ ماڻهن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪندي سُنّتن جي مُطَابِق زِندگي گُذارڻ جو مدني ذِهن ڏيڻو آهي،

# دعوتِ اِسلامي جي تقسيم ڪاري

(نگرانِ پاڪستان انتظامي ڪابينہ ۽ رڪنِ شوريٰ حاجي ابو رجب محمد شاهد عطاري جن فرمايو:) پاڪستان کي اسان تنظيمي طور تي ڇهہ حصن ۾ ورهايو آهي جن کي اسان ريجن چئون ٿا، انهن جي ذميداري ڇهہ اراڪينِ شوريٰ وٽ آهي، پوءِ انهن ڇهہ ريجن ۾ 44 زون ٺاهيا ويا آهن، پوءِ هنن 44 زون کي 187 شهري ڪابينات ۽ 140 ڳوٺاڻي ڪابينات ۾ ورهايو آهي، ڳوٺاڻي ڪابينات کي اَطراف ڪابينات بہ چيو ويندو آهي. سڄي پاڪستان جي انهن ڪابينات کي 1626 (هڪ هزار ڇهہ سو ڇويهہ) ڊويزن ۽ انهن ڊويزنن کي 5524 (پنج هزار پنج سو چوويهہ) علائقن ۽ علائقن کي 18375 (ارڙهن هزار ٽي سو پنجهتر) حلقن ۽ انهن حلقن کي تقريباً هڪ لک ذيلي حلقن ۾ ورهايو ويو آهي. دعوتِ اِسلامي جا ڪل 108 شعبا آهن، انهن مان پاڪستان انتظامي ڪابينہ

---

اها مجلس ڪالجز ۽ يونيورسٽيز جي استادن (Teachers) ۽ شاگردن (Students) سان سٺين سٺين نيتن سان تعلقات قائم ڪري انهن کي اُمت تي شفيق آقا، مديني واري مُصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي سُنّتن سان روشناس ڪرائيندي آهي، تعليمي اِدارن ۾ اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا عطا ڪيل مدني اِنعامات جو سِلسِلَو جاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ۽ ٻين مدني ڪمن سان گڏوگڏ هاسٽلز ۾ نيڪي جي دعوت ۽ نمازِ فجر جي لاءِ صداءِ مدينہ لڳائڻ يعني نماز جي لاءِ جاڳائڻ جو بہ اِهتمام ڪيو ويندو آهي، وقت بوقت محفلِ نعت جو بہ اِنعقاد ڪيو ويندو آهي، هن شعبي سان وابستہ عاشقانِ رسول، هفتيوار اجتماع، مدني مذاڪري ۽ مدني قافلن ۾ سفرڪري علمِ دِين حاصل ڪن ٿا. اَلْحَمْدُ لِلّٰه مُتعدّد دنيوي علوم جا شوقين بي عمل شاگرد، نَمازي ۽ سُنّتن جا عادي ٿي ويا آهن، شاگردياڻيون بہ پردي جي پابند ۽ سنتن پري زندگي گذارڻ واريون بڻجي ويون آهن. موڪلن ۾ خاص ڪري شاگردن کي بعض فرض علوم، سُنّتون ۽ آداب سيکارڻ، دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جو تعارف پيش ڪرڻ،12 مدني ڪمن ۾ عملي طور تي شامل ٿيڻ جي لاءِ شعبہٴ تعليم تحت فيضانِ نماز ڪورس، اصلاحِ اعمال ڪورس، مدني ڪام ڪورس ۽ فيضانِ قرآن وحديث ڪورسز بہ ڪرايا ويندا آهن. اهڙي طرح شعبہ تعليم سان وابستہ اسلامي ڀينرن ۾ بہ شريعت جي مطابق نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ وقت بوقت مختلف ڪورسز جو سلسلو ڪيو ويندو آهي. (شعبہ ملفوظاتِ امير اهل سنت)

تحت 68 شعبا آهن جيڪي تنظيمي طور تي مختلف ريجن، زون، ڊويزن ۽ علائقن تي ورهايا ويا آهن.

## هفتيوار اجتماعات

دعوتِ اسلامي جو هڪ مدني ڪم هفتيوار اجتماع آهي جن جي لاڪ ڊاؤن کان پهريان جي ڪار ڪردگي ڪجهه هيئن آهي: اسلامي ڀائرن جا هفتيوار اجتماع ساڍا پنج سؤ کان وڌيڪ هنڌن تي ٿي رهيا هئا ۽ اسلامي ڀينرن جا هفتيوار اجتماع صرف پاڪستان ۾ تقريبًا ست هزار هنڌن تي ٿي رهيا هئا. اميرِاهلِسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: اهو فيصلو نٿو ڪري سگهجي ته اسلامي ڀائرن جو مدني ڪم گهڻو آهي يا اسلامي ڀينرن جو مدني ڪم گهڻو آهي![1]

1...... دعوتِ اِسلامي تحت ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ ۾ هر جمعرات مغرب جي نماز کان بعد ٿيندڙ سوين هفتيوار اجتماعات ۾ هزارين عاشقانِ رسول گڏ ٿي علمِ دِين حاصل ڪن ٿا، سُنّتون ۽ آداب سکن ٿا، مسلمانن جي قُرب جون برڪتون حاصل ڪن ٿا، الله پاڪ جي گهر ۾ رات اعتڪاف ڪري ثواب جو خزانو ماڻين ٿا، ڪيئي خوش نصيب مدني انعامات تي عمل ڪرڻ جي سعادت ماڻن ٿا ۽ اِجتماع جي اِختتام تي مدني قافلن جا مسافر بڻجڻ ٿا. انهن هفتيوار اجتماعات جي لاءِ هڪ مجلس بنام ”مجلس هفتيوار اجتماع“ قائم آهي جنهن جو ڪم هفتيوار اجتماع جي نظام کي شرعي ۽ تنظيمي اُصولن جي مطابق هلائڻ آهي. مجلس هفتيوار اجتماع جي تحت ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ ۾ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جا 12 هزار 5سو کان وڌيڪ اجتماع ٿين ٿا جن ۾ شريڪ ٿيندڙن جو اوسطاً تعداد 4 لک 90 هزار آهي. (شعبہ ملفوظات امير اهل سنت)

## مجلس بيرون ملڪ

(رڪنِ شوريٰ حاجي محمد بلال عطاري جن فرمايو:) دعوتِ اِسلامي جو مدني ڪم جهڙي طرح پاڪستان ۾ ٿي رهيو آهي ساڳي طرح بيرون ملڪ ۾ به مَدَني ڪمن جو سلسلو آهي، دعوتِ اسلامي جي ڊيجيٽل سروسز مثال طور سوشل ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا وغيره جي ذريعي سڄي دنيا ۾ دعوتِ اسلامي جو مدني پيغام پهچي چڪو آهي پر باقاعده آرگنازيشن ۽ مڪمل اسٽريڪچر (يعني تنظيمي درجہ بندين مثال طور ذيلي حلقو، علائقو، ڊويزن ۽ انهن جي مڪمل مشاورتن وغيره) سان دعوتِ اسلامي 60 ملڪن ۾ پنهنجو نيٽ ورڪ ٺاهي چڪي آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ لاڪ ڊاؤن کان پهريان ٻاهرين ملڪن ۾ اسلامي ڀائرن جو هفتيوار اجتماع 813 هنڌن تي ٿي رهيو آهي جڏهن تہ اِسلامي ڀينرن جي اجتماع جو تعداد 3200 (ٽي هزار ٻہ سو) تائين پهچي چڪو هو.

## پاڪستان کان ٻاهر دعوتِ اسلامي جو مَدَني ڪم

ٻاهرين ملڪن ۾ بہ دعوتِ اسلامي تحت مَدَني مرڪزن ۽ مسجدن جي تعميرات جو سلسلو ٿيندو آهي، هينئر تائين ملنڊڙ ڪارڪردگي ڪجهہ هيئن آهي: بنگلہ ديش ۾ تقريباً 43 مسجدون ۽ مرڪز، UK ۾ 55 مسجدون ۽ مرڪز ۽ ساؤٿ آفريقہ ۾ 51 مسجدون ۽ مرڪز موجود آهن، هيئن تقريباً 31 ملڪ اهڙا آهن جتي دعوتِ اسلامي پنهنجا مدني مرڪز ۽ مسجدون تعمير ڪري چڪي آهي، ان جي علاوه ٻاهرين ملڪن ۾ مدرسة المدينہ، جامعة المدينہ، دارُ المدينہ ۽ اسلامڪ سينٽر بہ موجود آهن. الله پاڪ جي فضل و ڪرم ۽ فيضانِ اميراهلِسنت سان اهو سلسلو جاري و ساري رهندو ۽ الله پاڪ جي رحمت مان اميد

آهي جيئن ئي اهو لاڪ ڊاؤن کلندو ۽ حالات بهتري ڏانهن ايندا تہ اِنْ شَآءَ اللّٰہ اهو مدني ڪم مزيد تيزي سان اڳتي وڌندو ويندو.

## مجلس مدرسةُ المدينہ

(رڪنِ شوريٰ قاري سليم عطاري فرمايو:) اَلْحَمْدُ لِلّٰہ دعوتِ اسلامي تحت ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ 4245 (چار هزار ٻہ سو پنجيتاليهہ) مدارسُ المدينہ قائم آهن، جنهن ۾ 187000 (هڪ لک ستاسي هزار) شاگرد ۽ شاگردياڻيون قرآن ڪريم جي حفظ و ناظره جي تعليم حاصل ڪري رهيون آهن ۽ هينئر تائين تقريبًا 365000 (ٽي لک پنجهٺ هزار) ٻار حفظ ۽ ناظره جي تعليم حاصل ڪري چڪا آهن. مجلس مدرسة المدينہ تحت فري آف ڪوسٽ مختلف ڪورسز بہ ڪرايا ويا آهن، اهي ڪورسز ڪرڻ وارن جو تعداد 800 جي لڳ ڀڳ آهي. (1) اسان جو هدف آهي اِنْ شَآءَ اللّٰہ ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ 2021 سن عيسوي تائين 2600 (چويهہ سؤ) نوان مدارسُ المدينہ وڌيڪ کولڻا آهن. مدارسُ المدينہ جا ڪروڙين ۾ اخراجات آهن صرف سڄي پاڪستان جي مدارسُ المدينہ جا ماهانہ اخراجات 14 ڪروڙ تائين آهن! جيڪي سالانو ون پوائنٽ 8 بلين (يعني پوڻي ٻن ارب کان وڌيڪ جي رقم) ٻڻي ٿي.

---

[1] ...... دعوتِ اِسلامي جي مدارسُ المدينہ ۾ قاري صاحبان ۽ ناظمين جي ڪمي کي پورو ڪرڻ، مدارس المدينہ جي نظام کي مُنَظَّم ۽ مضبوط رکڻ ۽ نئون مدارسُ المدينہ ۾ قاري صاحبان جي تَقَرُّري جي لاءِ وڏي عمر جي اِسلامي ڀائرن کي قاعده ناظره ڪورس، مُدَرّس ڪورس، تجويدو قراءت ڪورس ۽ نظامت ڪورس ڪرايو ويندو آهي. (شعبہ ملفوظات امير اهل سنت)

## مجلس جامعةُ المدينہ

(رڪنِ شوريٰ حاجي حافظ محمد اَسَد عطاري مدني جن فرمايو:)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ دعوتِ اِسلامي تحت 1995 سنِ عيسوي ۾ گودرا (ڪراچي جي هڪ علائقي) ۾ ٻن ڪمرن کان جامعة المدينہ جو سلسلو شروع ٿيو جيڪو وڌندي وڌندي هن وقت ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ ۾ 849 (اٺ سؤ اوڻونجاهہ) شاخن تائين پهچي چڪو آهي جتي تقريبًا 61000 (ايڪهٺ هزار) شاگرد ۽ شاگردياڻيون زيرِ تعليم آهن ۽ هينئر تائين اٽڪل 12000 (ٻارهن هزار) شاگرد ۽ شاگردياڻيون درسِ نظامي مڪمل ڪري فارغُ التحصيل ٿي چڪا آهن. هن تعداد ۾ هر سال اضافو ٿيندو آهي هن سال يعني 2020 سنِ عيسوي ۾ اِنْ شَآءَاللّٰہ 2700 (ستاويهہ سؤ) شاگرد ۽ شاگرديا ڻيون دوره حديث شريف مڪمل ڪندا. جامعة المدينہ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ وارن کان ڪا فيس ناهي ورتي ويندي، انهن جي لاءِ فري آف ڪوسٽ تعليم، رهائش ۽ طعام جو اهتمام هوندو آهي.[1]

---

1......اَلْحَمْدُلِلّٰہ هينئر تائين دُنيا جي مختلف ملڪن پاڪستان، هند، جُنوبي افريقہ، ڪينيڊا، امريڪہ، انگلينڊ، موزمبيق، نيپال ۽ بنگلہ ديش وغيره ۾ جامعة المدينہ قائم آهن. هنن جامعاتُ المدينہ جي خُصُوصِيت اها آهي تہ دِيني تعليم سان آراستہ ڪرڻ سان گڏوگڏ شاگردن جي اَخْلاقي ۽ رُوحاني تَربِيت بہ ڪئي ويندي آهي وڏيڪ اهو شاگرد پاڪستان ۾ مدارسِ اهلِ سنّت جي بورڊ ”تنظيم المدارِس“تحت امتحان ڏئي نمايان پوزيشن بہ حاصل ڪن ٿا. جامعة المدينہ جز وقتي ۾ پي ايچ ڊي هولڊر ۽ چارٽرڊ اڪاؤنٽنٽ وغيره بہ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.سالانہ ڪوڙ شاگردن جي دستار بندي ٿيندي آهي جيڪي فراغت ڪان

## اَلمَدِينَة العِلمِية

(رڪنِ شوريٰ حاجي ابو ماجد محمد شاهد عطاري مدني فرمايو:)
دعوتِ اِسلامي جو هڪ شعبو "اَلْمَدِينَة الْعِلْمِية " آهي جنهن ۾ تصنيف و تاليف جو ڪم ٿيندو آهي. هن شعبي ۾ 117 فارغُ التحصيل (يعني عالم ڪورس ڪيل) اسلامي ڀائر تصنيف و تاليف يعني ڪتاب لکڻ جو ڪم ڪري رهيا آهن ۽ اَلحَمدُلِلّٰه هينئر تائين 576 ڪتاب ۽ رسالا لکيا ويا آهن، وڌيڪ 35 ڪتابن تي ڪم جاري آهي.

## مجلس تَحَفُّظِ اَوراقِ مُقَدّسَہ

دعوتِ اِسلامي جو هڪ شعبو "مجلس تَحَفُّظِ اَوراقِ مُقَدَّسَہ" آهي، اَلحَمدُلِلّٰه ڇهه سالن کان اهو ڪم جاري آهي ۽ پاڪستان جي 628 (ڇهه سؤ اناويهه) شهرن ۾ مُقَدَّس اَوراق کي محفوظ ڪرڻ جو نظام ٺاهيو ويو آهي، مُقَدَّس اَوراق کي بي اَدَبي کان بچائڻ جي لاءِ هينئر تائين 140000 (هڪ لک چاليهه هزار) کان وڌيڪ دٻا لڳايا ويا آهن ۽ اللّٰه پاڪ جي رحمت سان اوراقِ مُقَدَّسہ جا اٺ لک پورا محفوظ ڪيا ويا آهن، وڌيڪ اهو سلسلو جاري آهي.

## مجلسِ مَدَني قافلہ

(رڪنِ شوريٰ حاجي امين عطاري قافلہ فرمايو:) اميرِ اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جو فرمان آهي: "اسان جي منزل مَدَني قافلن جي ذريعي سڄي دنيا ۾ پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنتن کي عام ڪرڻ آهي."

---

بعد دارُ الافتاء، اَلْمَدِينَة الْعِلمِية، جامِعة المَدينة ۽ دعوتِ اسلامي جي مختلف شعبن ۾ ديني خدمتون سرانجام ڏين ٿا. (شعبہ ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت)

۾ اسان جو مَدَني مقصد آهي: ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ پنهنجي اصلاح جي لاءِ مَدَني انعامات تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻو آهي. اَلحَمدُ لِلّٰه مجلس مدني قافلہ ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ انهيءَ مَدَني مقصد جي تحت مَدَني قافلن کي سفر ڪرائڻ جو سلسلو جاري رکندي، هزارين لکين اسلامي ڀائر راهِ خدا ۾ سفر ڪن ٿا. گذريل سال مَدَني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وارن جي ڪار ڪردگي اسان کي موصول ٿي آهي ان جي مطابق لکين اسلامي ڀائرن مَدَني قافلن ۾ سفر ڪيو آهي، انهن ۾ 3 ڏينهن، 12 ڏينهن، 30 ڏينهن، 12 مهينن ۽ 26 مهينن جي مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وارا ۽ وقفِ مدينہ ٿيڻ وارا اسلامي ڀائر بہ شامل هئا. هڪ مهيني جي لاءِ مَدَني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن جو ايترو وڏو تعداد هوندو آهي جو مختلف ريجن مان پوري پوري ٽرين بڪ ڪرائي ويندي آهن.

## ڪجھ شعبن جي اپڊيٽ ڪارڪردگي

| شعبہ جات | 2020 سيپٽمبر | 2021 جون |
|---|---|---|
| المدينة العلميہ<br>Islamic Research Center | ترجمو، تحرير، ۽ تحقيق سان پريل ڪتاب ۽ رسالا: 576 | جيڪي مڪمل ٿي چڪا ڪتاب ۽ رسالا 661 زير ترتيب 40 |
| جامعة المدينہ: | ڪل جامعات: 849<br>ڪل شاگرد: 61000<br>ڪل فارغ التحصيل: | ڪل جامعة المدينہ: 1127<br>ڪل شاگرد: 88835<br>ڪل فارغ التحصيل: |

| | | |
|---|---|---|
| | **شاگرد ۽ شاگردياڻيون:** 12000 | **شاگرد ۽ شاگردياڻيون:** 13455 |
| مدرسة المدينہ: | **كل مدرسا:** (ٻارن ۽ ٻارڙين جا) 4245<br>**كل شاگرد** 187000<br>**كل فارغ:** 365000<br>**كورس كرڻ وارن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جو تعداد:** 800 | **كل مدرسا:** (ٻارن ۽ ٻارڙين جا) 4511<br>**كل شاگرد:** 210107<br>**كورس كرڻ وارن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جو تعداد:** 1521 |
| دارالمدينہ: | **كل كيمپس:** 82<br>**كل شاگرد:** 22400 | **كل كيمپس:** 102<br>**كل شاگرد:** 25000 |
| ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ | 37 **زبانن ۾ كل كتابن ۽ رسالن جو ترجمو:** 3218 | **كل كتابن ۽ رسالن جو ترجمو:** 4062 |
| آئي ٽي ڊپارٽمنٽ | **كل ويب سائيٽس:** 61<br>**كل موبائل ايپليكيشن:** 38 | **كل ويب سائيٽس:** 66<br>**كل موبائل ايپليكيشن:**54 |
| پاڪستان ۾ هفتہ وار اجتماعات | اسلامي ڀائرن جا اجتماع: 550<br>اسلامي ڀينرن جا اجتماع: 7000 | اسلامي ڀائرن جا اجتماع: 577 |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net